# سياسي پارٽي يا تنظيم ڪاريءَ جا رهنما اُصول

سنڌيڪار۽ ترتيب:
ادريس لغاري ايڊووڪيٽ

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

# سياسي پارٽي يا تنظيم ڪاريءَ
# جا رهنما اُصول

**سنڌيڪارءِ ترتيب:**

**ادريس لغاري ايڊووڪيٽ**

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
A-89/11 گلشنِ سحر هائوسنگ اسڪيم
باءِ پاس گيٽ واڏو واهه، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92 – 22-2106074, Fax: +92 – 22-2106074
info@cpcs.org.pk   www.cpcs.org.pk

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سياسي پارٽي يا تنظيم ناهڻ جا رهنما اُصول
سنڌيڪار ۽ ترتيب: ادريس لغاري ايڊووڪيٽ
ڪمپوزنگ ۽
ٽائيٽل ڊزائننگ: سليمان سميجو
ڇاپو پهريون: جون 2014ع
ڇاپو ٻيو: نومبر 2015ع
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**
ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

All Rights Reserved
**"Political Party Management"**
Translated by: Idrees Laghari Advocate
1st Edition: June 2014
2nd Edition: November 2015
Published By: CPCS

**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.**

# فهرست

## هڪ ڪامياب تنظيم

مقامي سطح تي توجهه ڏيڻ 01
سياسي پارٽين ۾ جمهوريت 02
پارٽي جي تنظيم 03
برانچ جا اجلاس 04
برانچ جي اجلاس جي ايجنڊا نمونو 01
پارٽي جو فنڪشن ڪنٽرول چارٽ 02
سياسي پارٽي ڪي گهرجي: 03
سياسي پارٽين ۾ نارين جو حصو 04
سياسي پارٽين جو استعداد وڌائڻ جو پروگرام 01
ميڊيا 02
پارٽي اندر رابطي لاءِ 03
پارٽي کان ٻاهر رابطي لاءِ 04
ميمبر سازي 01
نارين جي سياست ۾ اهميت: 02
فنڊ گڏ ڪرڻ 03
ووٽرن تائين پهچ 04

حصو ٻيو

## هڪ موثر منشور ناهڻ

منشور يا پارٽي پروگرام: 01
سرگرمي: پارٽي پليٽ فارم کي سمجهڻ 02
سرگرمي: پليٽ فارم ناهڻ 03
ياد رکو 04
مهم جا ذريعا 01
علائقي جي مسئلي تي سروي 02
ميڊيا جي لاءِ حڪمت عملي ناهڻ 03
پريس رليز تيار ڪرڻ 04
ٻين کي قائل ڪرڻ جي حڪمت عملي 01
هڪ اثرائتي مهم 02
مهم ٽيم جي ميمبرن جون ذميواريون 03
سياسي مهم جا عنصر 04
ڪامياب مهم 01
چونڊ وڙهڻ جا سبب 02
مهم جي بجيٽ 03
فنڊ گڏ ڪرڻ جا عام اصول 04
سياسي ڪارڪنن جي حقن بابت 01
پنهنجي سوچ رويي ۽ ڪم جي ڍنگ ۾ سڌارا آڻيو 02

# هڪ ڪامياب تنظيم

سياسي پارٽيون جمهوريت کي مضبوط ڪنديون آهن. هو عوامي خدشن کي منظم شڪل ڏئي شهرين ۽ رياست جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪن ٿيون. انهن جو مقصد راءِ عامہ تي اثر انداز ٿي انهن جو اعتماد کٽڻ ۽ ووٽ وٺي اقتدار حاصل ڪرڻ آهي.

## مقامي سطح تي توجهہ ڏيڻ

- سياسي پارٽي جو مقامي بنياد اهڙي طرح مضبوط ٿيڻ گهرجي، جهڙي طرح وڻ جي مضبوط هئڻ لاءِ ان جو ٿڙ جون پاڙون مضبوط ٿيڻ ضروري آهن. سياسي رهنمائن کي مقامي سطح تي پارٽين کي مضبوط ڪرڻ جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي.
- پارٽي جا ڪارڪن مرڪزي اهميت جا حامل هوندا آهن، ڇو تہ بغير ڪارڪنن جي ڪوبہ ليڊر پلي کٽي اهو ڪيڏو ذهين هجي هو پنهنجي ملڪ جي جمهوري نظام ۾ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي.
- ميمبرن جي انفرادي طاقت ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي.
- طاقت جي مرڪزيت کي ختم ڪري انهن کي عام ميمبرن تائين پهچائڻ گهرجي.
- اميدوارن جي چونڊ، پاليسي ناهڻ پليٽ فارم ترتيب ڏيڻ وغيره لاءِ ميمبرن کي بااختيار بڻائڻ گهرجي.
- جيڪي ميمبر بدعنواني ۾ ملوث ملن انهن جي لاءِ انصاف پرئي ۽ واضح سزائن جو تعين ڪرڻ گهرجي.
- ميمبر سازي جو رڪارڊ رکڻ (ميمبر سازي جي حقيقي فهرست)

## سياسي پارٽين ۾ جمهوريت

- پارٽي جي قائد جي مُدت جي حد مقرر هجي.
- پنهنجي پارٽي جي اندر جمهوري قدر ۽ انساني حقن جي حمايت ۽ تحفظ کي فرض سمجهي ادا ڪيو وڃي.
- ميمبرن کي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ لاءِ مڪمل آزادي ڏيو.
- پارٽي جي ڍانچي ۾ نارين ۽ نوجوانن جي ميمبر سازي کي هٿي ڏيو.
- سيني ميمبرن جي شرڪت جي حوصلا افزائي ڪريو.
- مختلف خيال برداشت ڪريو.
- فيصلي سازي لاءِ بنيادي اصولن ۽ طريقيڪارن جي پابندي ڪريو.
- رهنمائن کي ميمبرن ۽ حمايتن جي سامهون جوابده بڻايو.

## پارٽي جي تنظيم

- ذميدارين، حقن، اختيارن ۽ ڪردار کي واضح طور تي بيان ڪريو.
- پارٽي جي اندر فيصلي سازي جي طريقيڪار کي سمجهو.
- پارٽي اندر رابطي ڪرڻ جو واضح نظام.
- تنظيمي ڍانچو، قومي ڪانگريس، مجلس عامله، صوبائي ڪميٽي، ضلعي ڪاميٽيون، مقامي ڪاميٽيون ۽ انفرادي ڪارڪنن تي مشتمل هجن.
- سياسي پارٽين جو چونڊن ۾ حصو وٺڻ
- اندروني معاملن کي مستحڪم ڪريو.
- اختيارن ۽ حقن کي واضح طور بيان ڪريو.
- صرف مخالف پارٽي کي نشانو بڻائڻ جي بجاءِ واضح پليٽ فارم، پاليسيون ۽ حڪمت عملين جو منصوبو بڻايو.
- درگذر ۽ برداشت ڪريو.
- جمهوري ادارن جو احترام ڪريو ۽ انهن کي فوقيت ڏيو.
- پارٽي نظام کي اداري جي شڪل ڏيڻ.
- چونڊن جي مقابلي جو طريقو مستحڪم ڪيو.
- معاشري ۾ پارٽي جون پاڙون مضبوط ڪرڻ
- طريقن جو جائز هئڻ
- پارٽي جي تنظيم کي بڻائڻ.
- پارٽي ڍانچو مضبوطي سان قائم ڪرڻ
- بهترين تنظيم
- واضح طور بيان ڪيل اندروني ڍانچو
- پنهنجا وسيلا
- احتساب کي هٿي ڏيڻ لاءِ تعاون ڪرڻ

ماڻهن کي ميمبر ناهي پنهنجي پارٽي ۾ شامل ڪرڻ جو موثر طريقو هي آهي ته توهان ماڻهن کي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دعوت ڏيو ماڻهو سياسي پارٽين ۾ مختلف سببن جي ڪري شموليت اختيار ڪندا آهن.

**اصول:** هو عام طور تي پارٽي پروگرام جي حمايت ڪندا آهن، ممڪن آهي ته انهن کي پارٽي جي هر شيءِ جي باري ۾ ڄاڻ نه هجي پر جيڪو ڪجهه اميدوار چئي رهيا هوندا آهن هو انهيءَ سان اتفاق ڪندا آهن.

**پاليسي:** هو ڪنهن مسئلي، قانون يا حڪم جي باري ۾ سٺين پاليسين جي سبب توهان جي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن.

**ليڊر شپ:** هو توهان جي پارٽي جي ڪنهن اميدوار کي پسند ڪندا آهن، ڪيترائي ماڻهو سياسي پارٽين ۾ انهيءَ ڪري شامل ٿيندا آهن جو هو انهيءَ پارٽي جي اميدوار يا ليڊر جي عزت ڪندا آهن.

**سياسي سرگرمي:** هو پارٽي جي طرفان هلندڙ ڪنهن عام يا خاص مهم جو حصو بڻجڻ چاهين ٿا.

## برانچ جا اجلاس

جيڪڏهن توهان متحرڪ ڪارڪن چاهيو ٿا ته انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻايو ته اجلاس، شريڪ ٿيندڙ توهان جي پارٽي جي رڪنيت مان ڪجهه حاصل ڪن. برانچ جا اجلاس ٽن بنيادي سببن جي بنياد تي منعقد ڪيا ويندا آهن.

- ڪارڪنن کي سياسي مسئلن ۽ معاملن جي باري ۾ آگاهه ڪرڻ ۽ مسئلن جي باري ۾ علم ڏيڻ.
- ميمبرن کي ڪميونٽي ۽ برانچ جي منصوبن ۾ شامل ڪرڻ.
- اهم پاليسين ۽ ٻين معاملن جي باري ۾ فيصلا ڪرڻ.

**سرگرمين جي منصوبابندي ۽ اجلاس جو ايجنڊا تاهڻ وقت هيٺين ڳالهين کي ذهن ۾ رکو.**

ڪڏهن هر مهيني هڪ دفعو اهڙي ڏينهن تي اجلاس سڏايو وڃي، جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ سڀني لاءِ آسان هجي. هر مهيني اجلاس لاءِ هڪ ئي وقت مقرر ڪيو وڃي، مثال جي طور تي هر مهيني جي آخري اربع تي شام جو پنجين بجي کان وٺي ستين بجي تائين جيڪڏهن توهان گهڻا اجلاس ڪندا ته ميمبر بور ٿي ويندا ۽ ٻين سرگرمين جي لاءِ وقت نه بچندو اجلاس ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ طويل نه ٿيڻ گهرجي.

ڪٿي ممڪن هجي ته ڪنهن مرڪزي جڳهه تي اجلاس منعقد ڪيو وڃي، انهيءَ هڪڙي جڳهه کي هر برانچ اجلاس لاءِ استعمال ڪري ته جيئن توهان کي ميمبرن کي بار بار وقت ۽ جڳهه جي باري ۾ اطلاع نه ڏيڻو پوي، ۽ پابندي سان ان ۾ شرڪت ڪندا رهن.

## برانچ جي اجلاس جي ايجنڊا نمونو

1. خوش آمديد ۽ تعارف 5 منٽ
2. ايگزيڪيوٽو آفيسر، بورڊ جي رپورٽ، ڌيان طلب معاملن تي گفتگو ۽ هڪٻئي کي معلومات ڏيڻ، 15 منٽ
3. رپورٽ تي بحث، 20 منٽ

4. نئين يا موجود مسئلي جي مهمان مقرر جي تقرير، 15 منٽ تقرير ۽ 15 منٽ سوال جواب

5. برانچ جا منصوبا:پروگرام جي لائحہ عمل تي بحث مباحثو. 30 منٽ

6. اهم ڪمن جو خلاصو۽ انهن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ذميواريون ڏيڻ. 10 منٽ

7. اختتام ۽ ايندڙ اجلاس جي تاريخ وغيره طئي ڪرڻ.

## پارٽي جو فنڪشن ڪنٽرول چارٽ

**جماعت يا سياسي پارٽي ڇا هوندي آهي؟ هڪ جمهوري سياسي پارٽي:**

- ميمبر کي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ جي آزادي ڏيندي آهي.
- نارين جي شموليت جي حوصلا افزائي ڪندي آهي.
- سڀني ميمبرن کي شامل ٿيڻ جي هدايت ڪندي آهي.
- مختلف خيالن کي برداشت ڪرڻ جي قوت رکڻ.
- فيصلي ڪرڻ وقت ضابطن ۽ طريقيڪارن جو خيال رکڻ.
- اڳواڻن کي، ميمبرن ۽ حمايتن جي آڏو جوابده بڻائڻ.
- سياسي پارٽي جو مقامي بنياد اهڙي طرح مضبوط هئڻ گهرجي، جهڙي طرح فصل لاءِ پاڻي لازمي هوندو آهي. سياسي رهنمائن کي مقامي سطح تي پارٽي کي مضبوط ڪرڻ جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي.

## سياسي پارٽي کي گهرجي:

- پارٽي جي اندر جمهوري نظام ۽ شفافيت هئڻ گهرجي. جنهن تحت هر سال چونڊن جي ذريعي ميمبرن کي پنهنجي مرڪزي، صوبائي ۽ مقامي رهنما چونڊڻ جي مڪمل آزادي حاصل هجي.
- سياسي جماعت کي پنهنجن ميمبرن کي خيالن جو اظهار جي آزادي هئڻ گهرجي ۽ اختلافي نقطہ نظر کي برداشت ڪرڻ گهرجي.
- رهنمائن کي ميمبرن ۽ حمايتن جي سامهون جوابده هئڻ گهرجي.
- سرڪاري عهدن لاءِ قيادت جي چونڊ، ميمبرن جي وڌ کان وڌ شموليت جي ذريعي ٿيڻ گهرجي.

## سياسي پارٽين ۾ نارين جو حصو

1. نارين کي پارٽي قيادت ۾ شامل ڪرڻ سان توهان جي نارين ووٽرن تائين پهچ ٿي وڃي ٿي، ڪامياب پارٽين وٽ نارين کي بحيثيت ميمبر ۽ اميدوار شامل ڪرڻ جي حڪمت عملي هئڻ گهرجي.

2. هڪ اهڙو پارٽي پليٽ فارم يا منشور جنهن ۾ نارين جي اهم مسئلن تي توجهه ڏني وئي هجي جي مدد سان پارٽي آساني سان نارين جي حمايت حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ انهن جا ووٽ حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.
3. اهڙي سياسي پارٽي جيڪا 50 سيڪڙو ووٽرن (نارين) کي نظر انداز ڪري نقصان ۾ ويجي ٿي.
4. ناريون مهم جي هر پهلو ۾ منظم جي حيثيت سان ئي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن ٿيون.
5. جيڪڏهن ڪنهن پارٽي پليٽ فارم يا منشور کي ٺاهڻ ۾ نارين حصو ورتو هوندو ته ناريون انهيءَ جي پرجوش حمايت ڪنديون.
6. جيڪڏهن ڪا ناري ڪنهن پارٽي منشور جي باري ۾ پرجوش آهي ته هو گهرجي ٻين مردن ۽ ٻارن کي به انهيءَ پارٽي کي ووٽ ڏيڻ لاءِ اثر انداز ٿيندي.
7. جيئن ته مقامي حڪومت ۾ 22 فيصد قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ 17 سيڪڙو سيٽون نارين لاءِ مخصوص آهن انهيءَ ڪري سياسي پارٽين لاءِ ضروري آهي ته هو نارين کي پارٽي ۾ شامل ڪن ۽ اليڪشن ۾ اميدوار طور انهن جي تربيت ڪن.
8. پارٽي ۾ اعليٰ عهدن تي نارين جي هئڻ سان هو ٻين نارين کي به پارٽي ۾ شامل ڪري سگهنديون.
9. ناريون ۽ مرد گڏ ڪم ڪري پارٽي جي لاءِ تمام سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن ٿيون ۽ پارٽي کي گهڻو ڪجهه حاصل ٿي سگهي ٿو.

## سياسي پارٽين جو استعداد وڌائڻ جو پروگرام

### پارٽي پراجيڪٽ:

### پارٽي پراجيڪٽ ڇو ٺاهيو وڃي؟

ڇا توهان ڪڏهن اهڙي پوليٽيڪل پارٽي ڊولپمينٽ پراجيڪٽ جي باري ۾ سوچيو آهي، جنهن ۾ پارٽي جي ڪارڪنن کي شامل ڪيو وڃي ۽ انهيءَ سان پنهنجي پارٽي کي پنهنجي پاڻ مدد تحت بهتري لاءِ مدد ملي سگهي؟

پارٽي پراجيڪٽ مان مراد ننڍڙو عمل آهي، جنهن سان پارٽي جي موجوده صورتحال ۾ بهتري اچي، پارٽي پراجيڪٽ جي موجوده صورتحال ۾ بهتري اچي، پارٽي پراجيڪٽ جو مقصد پارٽي ۾ ڪو نئون آئيڊيا، عمل يا طريقيڪار متعارف ڪرائڻ ٿي سگهي ٿو.

پارٽي جي هلندڙ ڪنهن پروگرام ۾ بهتري جي نئين راهه تلاش ڪرڻ به پارٽي پراجيڪٽ ٿي سگهي ٿو 12 مهينن لاءِ پارٽي پراجيڪٽ ٺاهڻ وقت انهيءَ پهلو جو

خيال رهي ته انهيءَ محدود عرصي ۾ توهان هر شيءِ بهتر نٽا بڻائي سگهو ۽ نه ئي پارٽي ۾ سڀ ڪجهه تبديل ڪري سگهو ٿا. توهان جو پارٽي پراجيڪٽ قابل عمل هئڻ گهرجي. هر پراجيڪٽ تي عملدرآمد ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه وسيلا گهرجن. جيئن ته توهان جي پراجيڪٽ پنهنجي مدد پاڻ تحت يا پارٽي جي ٻين دوستن جي تعاون سان خود ئي مڪمل ڪرڻو آهي. انهيءَ جي ڪري توهان جي پراجيڪٽ جا مقصد ۽ حدف اهڙا هئڻ گهرجن جن کي توهان آساني سان حاصل ڪري سگهو انهيءَ صورتحال ۾ يقينن توهان سوچي رهيا هوندا ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اسان توهان کي ڪجهه مثالن جي ذريعي آئيڊيا ڏيڻ چاهينداسون. مثلن:

- مثال جي طور توهان پارٽي ۾ نون ميمبرن جي لاءِ تربيتي ورڪشاپ جو اهتمام ڪري سگهو ٿا.
- پارٽي جي اندر رابطي کي بهتر ڪرڻ لاءِ نيوز ليٽر يا اليڪٽرانڪ ميل لسٽ قائم ڪري سگهو ٿا.
- عام ماڻهن کي پارٽي ۾ شموليت جي دعوت ڏيڻ لاءِ طريقيڪار ۽ معلومات تي مبني پمفليٽ ٺاهي سگهو ٿا.
- پارٽي جي لاءِ مقامي طور تي فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ مهم هلائي سگهو ٿا.
- پارٽي جي ميڊيا سينٽر کي موثر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي سگهو ٿا (مثال طور: ميڊيا ڊائريڪٽري بڻائڻ يا پوءِ پارٽي جي ڪارڪردگي ۽ موقف کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پريس رليز جاري ڪرڻ يا ايڊيٽر جي نالي خط وغيره جو سلسلو)
- ووٽر تائين پهچ يا پارٽي جي پيغام کي موثر بڻائڻ لاءِ ڪو عملي قدم کڻڻ.
- پارٽي ڪارڪنن جون ڪمپيوٽر فهرستون ٺاهڻ.
- اهڙا ٻيا ڪيترا سنا آئيڊيا ٿي سگهن ٿا.

## پنهنجو پارٽي پراجيڪٽ ڪيئن ٺاهيو وڃي؟

1. انهيءَ سلسلي جو پهريون قدم هي آهي ته پنهنجي پارٽي جو جائزو وٺو ۽ پارٽي کي ڪنهن شيءِ يا ڪم جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي انهيءَ جي باري ۾ سوچيو. انهيءَ سان گڏ هي به سوچيو ته پنهنجي محدود وسيلن ۽ وقت ۾ توهان انهيءَ ۾ بهتري لاءِ ڇا ڇا ڪري سگهو. انهيءَ مرحلي تي توهان پنهنجن اهڙن ساٿين سان مشورو ڪري سگهو ٿا. جيڪي انهيءَ ڪم ۾ رضاڪاراڻا طور توهان سان گڏ هوندا، انهيءَ طرح توهان پنهنجي پارٽي پراجيڪٽ جي مقصد جو واضح تعين ڪري سگهندا. ايئن ڪرڻ وقت هن ڳالهه جو ڌيان رهي ته توهان جا مقصد گهڻو ڪري خيالي دنيا جون ڳالهيون نه لڳن بلڪه پراجيڪٽ جي اختتام تي هي آساني سان ڏٺو وڃي ۽ پرکيو وڃي ته توهان

پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب رهيا يا ڪم نہ ڪري سگهيا، توهان جي پراجيڪٽ جي مڪمل ٽيڻ ڪانپوءِ انهيءَ جو تجزيو ڪيو ويندو تہ جيئن معلوم ڪري سگهجي تہ توهان جو پراجيڪٽ گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ويو.

2. ننڍا وڏا پارٽي پراجيڪٽ ٺاهڻ جي ہي مرحلي ۾ انهن سيني ڪمن ۽ پيش ايندڙ مسئلن جي فهرست ٺاہيو جيڪا توهان کي هن پراجيڪٽ ۾ عملي جامو پرائڻ لاءِ گهربل آهي. ايئن ڪرڻ وقت توهان هي بہ لکي سگهو ٿا تہ هن عمل ۾ ڪير ڪڏهن ڇا ۽ ڪيئن ڪندو، ڪير ۽ ڪڏهن وارو سوال انتهائي اهم آهي، ڇو تہ جيڪو ڪم هر هڪ جي ذمي ڪيو وڃي، اهو آخر ۾ ڪو بہ نہ ڪندو آهي ۽ ڊيڊ لائن ۽ ٽائيم فريم جو اندازو توهان کي پارٽي پراجيڪٽ ۾ پيش رفت ڄاڻڻ ۾ مدد ڪندو.

### پارٽي پراجيڪٽ جي حوالي سان اهم نقطا:

- توهان جي پارٽي کي بهتري جي لاءِ ڪهڙي ڪم جي سڀ کان وڏيڪ ضرورت آهي.
- توهان انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجن محدود وسيلن ۽ وقت ۾ رهندي ڇا ٿا ڪري سگهو.
- توهان جي اهڙي رضاڪاراڻہ عمل سان پارٽي جي ڪم ۾ ڪهڙي بهتري ايندي.
- توهان ڪهڙو ڪم ڪڏهن ڪندا ۽ انهيءَ جي لاءِ وسيلا ڪٿان ايندا. هڪ ٽائيم ٽيبل ترتيب ڏيو ۽ پراجيڪٽ جي ابتدا کان وٺي اختتام تائين جن وسيلن جي ضرورت آهي، انهن کي لکو.
- جيڪڏهن توهان جو پراجيڪٽ توهان جي منصوبہ بندي جي مطابق نٿو هلي تہ انهيءَ ڳالهہ جو جائزو وٺو تہ خامي ڪٿي آهي ۽ انهيءَ ۾ بهتري جي گنجائش ڪٿي آهي.
- پنهنجي پارٽيءَ جي باري ۾ هڪ فائيل ٺاهي ڪري سڄو رڪارڊ محفوظ ڪيو تہ جيئن انهيءَ تي ٿيندڙ پيش رفت ۽ درپيش مشڪلاتن جو اندازو لڳائي سگهجي.

### پارٽي پراجيڪٽ لاءِ رهنما اصول:

### حڪمت عملي جي منصوبا بندي: ڪاميابي جي طرف پيش قدمي.

1. توهان جي منصوبي جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ڇا توهان جو منصوبو ميمبر وڌائڻ، تنظيم سازي جي بهتري، انتظامي ڍانچو ترتيب ڏيڻ، فنڊ جمع ڪرڻ،

بجيٽ ٺاهڻ، ڪنهن ڪم جو شيڊيول مقرر ڪرڻ، اتحاد ٺاهڻ يا ڪنهن قسم جي تحقيق جي متعلق آهي؟

2. اندروني حقيقتن جو جائزو تہ پارٽي جون ڪهڙو ڪمزوريون آهن ۽ مثبت پاسا ڪهڙا آهن؟ انهيءَ علائقي ۾ پارٽي جي ڍانچي تي نظر وجهڻ، متحرڪ ۽ غير متحرڪ برانچن جو تجزيو ڪرڻ، ميمبرن جي عمر جي لحاظ کان درجہ بندي ڪرڻ، پارٽي جي ساک جي متعلق معاملا پارٽي جو پيغام، ٽيڪنالوجي ميڊيا فنڊ جي ڪمي هئڻ، پارٽي ۾ مهارت ۽ حڪمت عملي، پارٽي جي مشينري جو ميسر هئڻ، پارٽي ۾ نارين ۽ نوجوانن جا معاملا، نالي جا ميمبر اصل ۾ انهن جو وجود نہ هجڻ، مقامي سطح تي پارٽي جي ڪارڪنن ۾ جوش جذبي جو فقدان هئڻ، پارٽي ڪارڪنن جو معاملن کان اٽڪاٽائي، پارٽي ۾ نارين کي اختيار نہ هئڻ جي برابر، پارٽي جي ڪارڪنن ۽ عهديدارن جي وچ ۾ رابطي جو فقدان، مقامي ڪميونٽي سان رابطو نہ هئڻ، ڪا مهم هلائڻ لاءِ پارٽي ۾ تخليقي طريقي جو نہ هئڻ ۽ ڪم جي منصوبابندي نہ هئڻ جهڙا معاملا شامل آهن.

3. توهان جي مخالف جون ڪمزوريون ۽ مثبت شيون ڪهڙيون آهن؟

4. توهان جي حلقي ۾ انگن اکرن جي حساب سان حقيقي صورتحال ڪهڙي آهي. ڪيترا ووٽر آهن؟ انهن جي عمر ڪيتري آهي؟ تعليم يافتہ ڪيترا آهن، انهن جي معاشي صورتحال ڪيئن آهي، ڇا هو شهري يا ٻهراڙي جي علائقن مان آهن ۽ انهن کي آمدني جو ذريعو ڪهڙو آهي؟

5. هڪ سالا منصوبندي ڪريو يا گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينن جي منصوبابندي ڪريو هي منصوبہ بندي انهيءَ ڳالهہ جو تعين ڪندي تہ توهان موجود ذريعن (فرد، سرمايو، وقت) کي ڪهڙي طرح استعمال ڪندا. منصوبي ۾ عوام جا مسئلا ۽ ان جي باري ۾ عوام جو رويو شامل هئڻ گهرجن، جنهن ۾ هن ڳالهہ تي روشني وڌي وئي هجي تہ پارٽي جي تنظيم کي ڪهڙيون ذميواريون ڏنيون ويون ۽ ڪير ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙو ڪم ڪندا. انهيءَ کان علاوه پارٽي جي هر طرح تي تنظيم، بجيٽ ٺاهڻ ۽ فنڊ گڏ ڪرڻ، ڪنهن بہ اتحاد جا نقصان وغيره جي باري ۾ جائزو وٺڻ شامل آهي. انهيءَ جو مطلب هي آهي تہ توهان هن ڳالهہ جي ڪوشش ڪيو تہ ڪنهن سان اتحاد ڪيو وڃي ۽ ڇو؟ انهيءَ سان گڏ هي بہ ڏٺو وڃي تہ جنهن سان توهان اتحاد ڪري رهيا آهيو اهو توهان جي ڪم ۾ ڪيترو تعاون وارو هوندو ۽ ٻين ماڻهن سان اتحاد ڪرڻ توهان جي اداري لاءِ انهيءَ کان بہ وڌيڪ سٺو ٿي سگهي ٿو يا نہ؟ توهان کي هي بہ ڏسڻ

گهرجي تہ توهان جن سان اتحاد ڪري رهيا آهيو، ان سان اتحاد ڪرڻ ۾ نقصان ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟

6. پنهنجي ڪم جي منصوبابندي ۾ هنن ڳالهين جو خيال رکو تہ ڪهڙي تاريخ تي، ڪير، ڇا ڪٿي ۽ ڇو ڪو قدم کڻندو؟ توهان پنهنجي منصوبابندي ۾ متوقع نتيجا ۽ گهربل وقت بہ بيان ڪريو. توهان هن ڳالهہ جا تفصيل بہ لکو تہ توهان پنهنجا متوقع نتيجا ڪهڙي طرح حاصل ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا؟ انهيءَ ڳالهہ جو خيال واضح طور ڪيو تہ ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي، ڪنهن سان گڏجي ڪرڻو آهي، هي تفصيل بہ شامل ڪريو تہ نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙا منصوبا رکو ٿا.
7. **ڪڙا قدم:** برانچ، ضلعي، حلقي، حڪمت عملي ڪميٽي جو جائزو وٺڻ وارا اجلاس وغيره.
8. توهان کي ايڪشن پلان مڪمل ٿيڻ جي تاريخ جو خيال رکڻ گهرجي، ايڪشن پلان ۾ ميمبرن جو حدف، مهم هلائڻ جي 6 مهينا منصوبابندي، منصوبي ۾ ڪنهن خاص وقت نظرثاني، ايڪشن ٽيم، هيڊ ڪوارٽر، مقامي مسئلا، ترتيب وغيره انهيءَ زمري ۾ اچن ٿا.

## ميڊيا

1. **ميڊيا پلان جي ترڪيب:** پارٽي جا ميڊيا سان موجوده حالتن ۾ تعلق جو جائزو وٺو. توهان هن ڳالهہ تي نظر ڊوڙايو تہ ڇا ميڊيا سان توهان جي پارٽي جا تعلق سٺا آهن يا نہ. توهان جي پارٽي جو ميڊيا سان ڪيترا دفعا رابطو ٿئي ٿو ۽ ڪيترا دفعا ملاقات ٿئي ٿي.
2. توهان وٽ رابطي جا ڪهڙا ذريعا موجود آهن، ان ۾ ڪمپيوٽر، پرنٽر، انٽرنيٽ، فيڪس، ٽيليفون وغيره شامل آهن.
3. توهان وٽ ميڊيا جي لاءِ مخلص ترجمان يا عملو هئڻ گهرجي.
4. ميڊيا ڊائريڪٽري هن ڳالهہ کي مد نظر رکڻ گهرجي تہ صحافين جا نالا، ميڊيا جي ادارن جا ائڊريس، ٽيليفون نمبر، فيڪس نمبر، اي ميل ائڊريس موجود هجن.
5. ڇا توهان کي مقامي ۽ قومي اخبارن ۾ خبر ڏيڻ لاءِ آخري وقت معلوم آهي، جنهن جي اندر پنهنجي خبر انهيءَ اخبار ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ڏئي سگهو اهڙي طرح ٽي وي ۽ ريڊيو جي پروگرامن جو وقت معلوم هئڻ گهرجي.
6. توهان وٽ خبرن جي پروگرام ۽ ريڊيو ٽي وي جي ڪرنٽ افيئرز جي پروگرامن جي فهرست ۽ انهن جو وقت معلوم هجي، توهان کي انهن سڀني سان

رابطي لاءِ ٽيليفون نمبر ۽ فيڪس نمبر معلوم هئڻ گهرجن ته جيئن توهان انهن کي پنهنجي پريس رليز وقت تي موڪلڻ ۽ انهي خاص مسئلي تي ٽيليفون ڪري سگهو ڇا توهان کي خبر آهي ته انهن پروگرامن جا ميزبان ڪهڙا آهن؟

7. ڇا خاص مسئلن جهڙوڪ نارين جا معاملا، مالياتي معاملا، زرعي ۽ سياسي معاملا وغيره جي متعلق رپورٽ ڪندڙ صحافين جي الڳ لسٽ موجود آهي؟
8. توهان وٽ پيغامن ۽ پريس رليز وغيره تيار ڪرڻ لاءِ هڪ ٽيم موجود هئڻ گهرجي. جيڪا پارٽي جي ميڊيا آفيس ۾ موجود هئڻ گهرجي. انهيءَ سان گڏوگڏ هي ڳالهه به نظر ۾ رکڻ گهرجي ته انهن ماڻهن ۾ ڪيترا ماڻهو ٽائيپنگ ڪري سگهن ٿا ۽ ڪمپيوٽر استعمال ڪري سگهن ٿا ۽ ڪيترن کي تربيت ڏيڻ جي ضرورت آهي؟
9. توهان وٽ ميڊيا تي نظر رکڻ لاءِ طريقو موجود هئڻ گهرجي، ڇا توهان جي اداري ۾ ڪو اهڙو شخص موجود آهي جيڪو اخبارون، ريڊيو ٽي وي تي توهان جي پارٽي جي خبرن تي نظر رکي ٿو يا رکي ٿي؟ اهڙي شخص کي ڪنهن قومي مسئلي لاءِ ميڊيا کي جواب ڏيڻ لاءِ انتظام ڪرڻ گهرجن.
10. ميڊيا پلان جي ترڪيب:پريس رليز سياسي اشتهار خاص تقريبون، پيغام ۾ ربط، مختلف مسئلن ۾ فرق، نعرا، خاص پيغام ۽ انهن پيغامن ۾ ڪنهن کي متوجهه ڪيو پيو وڃي، جهڙا معاملا انهيءَ ذمري ۾ اچن ٿا، انهيءَ سلسلي ۾ هڪ باقاعده پلان ناهڻ گهرجي. جنهن کي ميڊيا تائين پهچ هجي، انهي سلسلي ۾ پارٽي جي سينيئر ميمبرن کي ميڊيا سان گڏ تقريب وغيره ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي.
11. ڇا توهان جي ترجمان کي باقاعده طور تي مسئلي جي متعلق ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ پهريان کان ٻڌايو ويو آهي؟
12. ڪنهن مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ذميواري ڪنهن تي عائد ٿئي ٿي.
13. ايڊيٽر جي نالي خط.

## پارٽي اندر رابطي لاءِ

- ڇا نيوز ليٽر، پارٽي جي پذيرائي لاءِ مواد، پارٽي، مٿي سطح کان وٺي هيٺين سطح تائين ۽ هيٺين سطح کان وٺي مٿي سطح تائين مشاورت ۽ پارٽي جي اڳواڻ ۽ چونڊيل نمائندن جو عوام سان رابطي جو ڪو پلان توهان وٽ موجود آهي؟ پارٽي پنهنجن ميمبرن سان ڪهڙي طرح رابطو ڪندي آهي؟ ڇا انهيءَ جي باري ۾ ڪو پلان موجود آهي؟

- نيوز ليٽرز، ڪانفرنس ۽ اجلاس.
- پارٽي جا ميمبر، ڪنهن خاص مسئلي تي گروپ، اڳواڻ، مندوبين، خاص گروپ، پارٽي جي حلقي جا عهديدار ۽ پاليسي ٺاهيندڙ عهديدار.
- پارٽي جي ضلعي تنظيم ۽ هيڊ ڪوارٽر جي وچ ۾ مسلسل ۽ باقاعدگي سان رابطا.

## پارٽي کان ٻاهر رابطي لاءِ

1. ڇا معاشري جي ٻين طبقن جهڙوڪ سول سوسائٽي، ميڊيا، اين جي اوز، ٽريڊ يونينون، مذهبي گروپ، واپارين جون تنظيمون، هارين جون تنظيمون، استادن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان رابطي جو ڪو پلان موجود آهي؟
2. هيٺ بيان ڪيل معاملن جون فهرستون ٺاهيو.
3. اڳواڻ، ووٽرز، ميڊيا.
4. سينيئر ڪارڪن، حلقا، برانچون
5. مقامي ادارا، ڪميونٽيون
6. راءِ جوڙيندڙ اڳواڻ
7. مختلف شعبن جي ماهر ماڻهن جا گروپ.
8. پارٽي ڪارڪن، رضاڪار، حمايتن جا نالا وغيره جا تفصيل.
9. گهر گهر پمفليٽ ورهائڻ
10. روڊن، ٽرانسپورٽرن ۽ انهيءَ قسم جي ٻين معاملن جي باري ۾ مقامي طور تي سروي ڪرائڻ.
11. پريس رليز جاري ڪري مقامي طور تي پريس ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ.
12. مسئلن جي باري ۾ پمفليٽ شايع ڪرڻ ۽ گهر گهر پهچائڻ.
13. شاگردن، نارين، رٽائرڊ ماڻهن، هاري ۽ واپاري طبقن تائين پهچ.

## ميمبر سازي

1. ميمبر سازي لاءِ تحقيق ڪرڻ ته ڪهڙا ماڻهو ميمبر ٺاهين ٿا، اهي ماڻهو ڪٿي رهن ٿا، انهن جو تعداد ڪيترو آهي ۽ ڪهڙي معاشري ۽ سماجي پس منظر سان تعلق رکن ٿا وغيره.
2. ڇا ميمبر سازي لاءِ ڪو تحريري يا ڪمپيوٽر تي ڊيٽابيس موجود آهي؟ پارٽي ميمبر سازي جو رڪارڊ ڪهڙي طرح رکيو ويندو آهي ۽ پارٽي رڪارڊ لاءِ ڪهڙي معلومات ضروري آهي.

3. توهان جي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ ۾ ماڻهن کي ڪهڙيون رڪاوٽون درپيش آهن؟ ڇا ماڻهن کي معلوم آهي تہ توهان جي آفيس ڪٿي آهي ۽ پارٽي ۾ ميمبر سازي جي لاءِ ڪهڙن ماڻهن سان رابطہ ڪرڻ گهرجن. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ ماڻهو هي سمجهندا هجن تہ هو توهان جي پارٽي جا ميمبر آهن پر حقيقت ۾ ايئن نہ هجي.
4. توهان ماڻهن کي پنهنجي پارٽي ۾ ڪهڙي طرح شامل ڪندا آهيو؟ پارٽي کي علائقي ۾ متحرڪ نظر اچڻ گهرجي.
5. ڇا ميمبر باقاعدگي سان ميمبر فيس جمع ڪرائين ٿا.
6. ڇا ميمبرن کي ميمبر شپ ڪارڊ ڏنو وڃي ٿو.
7. نئين ميمبر سازي جي لاءِ حدف مقرر ڪرڻ گهرجي تہ ڪيترا نوان ميمبر ٺاهيا وڃن. انهيءَ مقصد لاءِ ماڻهن جي نشاندهي ڪئي وڃي، جن جا مفاد ساڳيا آهن جيڪي توهان جي پارٽي جا مفاد آهن. انهيءَ مقصد لاءِ پهريان کان موجود متحرڪ ماڻهن کي استعمال ڪرڻ گهرجي تہ جيئن نوان ميمبر ٺاهي سگهجن. خرچ مان پيسا بچائي ڪري پارٽي جي لٽريچر جي فوٽو ڪاپي ڪرائي رضاڪارن جي مدد سان ورهائڻ گهرجي. انهن سڀني ڳالهين لاءِ هڪڙي پلان جي ضرورت هوندي آهي. ان ڳالھ کي يقيني بڻايو وڃي تہ رضاڪارن کي علم هجي تہ هو ڇا ۽ ڇو ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڳالھ لاءِ انهن کي تربيت جي ضرورت هوندي آهي.
8. جيڪي ماڻهو پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اظهار ڪن ٿا ڇا انهن سان ٻيهر رابطو ڪرڻ لاءِ ڪو پلان موجود آهي؟ ڇا توهان انهيءَ باري ۾ ڪو تعارفي اجلاس منعقد ڪندا تہ جيئن انهن ماڻهن کي ٻڌايو وڃي تہ پارٽي جو مختلف معاملن تي ڪهڙو موقف آهي؟هن ڳالھ جي ضرورت هوندي آهي تہ ڪارڪنن ۾ دلچسپي قائم رکي وڃي ۽ انهن کي متحرڪ رکيو وڃي. انهيءَ لاءِ هڪ پلان جي ضرورت هوندي آهي.
9. هن ڳالھ جو پلان ٺاهيو وڃي تہ نون متوقع ميمبرن جي سامهون پارٽي کي ڪيئن پيش ڪيو وڃي پارٽي جو ميمبر ٿيڻ سان ڪهڙا فائدا ٿيندا؟
10. پارٽي جي ميمبرن جي تعداد وڌائڻ لاءِ پلان ٺاهيو وڃي. توهان ڪهڙا حدف مقرر ڪيو ٿا تہ ايندڙ ٽن يا ڇهن مهينن جي دوران ڪيترا نوان ميمبر ٺاهيا وڃن؟ توهان ميمبر سازي جي مهم ڪيئن هلائڻ چاهيو ٿا؟ انهيءَ ڳالھ لاءِ هڪ تفصيلي پلان جي ضرورت هوندي آهي تہ هي ڪم ڪير ڪندو؟ ڪيئن ٿيندو، ڪٿي ڪير ويندو، ڪڏهن ٿيندو ۽ پارٽي نئين ميمبر جي لاءِ

ڪهڙي ڳالهه پيش ڪري سگهي ٿي؟ ڇا نئين ميمبر سازي مهم لاءِ ڪا بجيٽ رکي وئي آهي؟

11. ڇا پارٽي موجود ڪارڪنن جو خيال رکي پئي؟ جيڪڏهن خيال رکي پئي ته ڪهڙو؟ ڇا پارٽي جو موجود ڪارڪنن سان باقاعده رابطو آهي؟ ڇا پارٽي ۾ نئين سر ميمبر سازي جي ضرورت آهي؟ ڇا موجوده ڪارڪن مختلف درجن ۾ تقسيم ٿي چڪا آهن. ڇا مستقبل ۾ ايئن ڪري سگهجي ٿو؟ مثال طور واپاري، استاد، ڊاڪٽر، شاگرد وغيره انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ڪريو ته ايئن ڪرڻ ڇو ضرور هوندو آهي؟
12. معاشري جا اهي طبقا جن جي پارٽي ۾ نمائندگي گهٽ آهي، انهن تائين پارٽي ڪيئن پهچي ۽ انهن کي ڪيئن ميمبر ٺاهي؟
13. نارين ۽ نوجوانن کي پارٽي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪو پلان موجود آهي؟ انهيءَ جي لاءِ تفصيلن جي ضرورت آهي.
14. ڇا پارٽي وٽ ڪارڪنن کي متحرڪ رکڻ لاءِ ڪو پلان موجود آهي؟ ڇو ته جيڪڏهن ايئن نه هوندو ته ڪارڪنن جي پارٽي ۾ دلچسپي ختم ٿي ويندي، جيڪڏهن ڪو پلان آهي ته ڪهڙو آهي؟ توهان پنهنجي پارٽي جي مقامي برانچ مان ضلعي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مطالبا ڪري رهيا آهيو؟
15. توهان پنهنجي پارٽي جي ڪارڪنن مان مقامي سطح تي ڪهڙا قدم کڻڻ جا مطالبا ڪري رهيا آهيو؟ توهان پارٽي جي هيڊ ڪوارٽر کان ڪهڙا مطالبا ڪري رهيا آهيو؟ مثال طور پمفليٽ، ميمبر سازي جو فارم ۽ توهان جي پلان لاءِ رهنمائي وغيره.

## نارين جي سياست ۾ اهميت:

- موجوده سماجي ثقافتي ۽ معاشي معاملن جو جائزو وٺو جن جي ڪري ناريون توهان جي پارٽي ۾ شامل نه ٿي رهيو آهن.
- پنهنجي پارٽي جي اندر نارين جي اهميت تي نظر ڊوڙائڻ ته انهيءَ ۾ بهتري ڪيئن آڻي سگهجي ٿي، ڇا انهيءَ ڳالهه جي ضرورت آهي ته نارين جي تربيت ڪئي وڃي ۽ انهن کي متحرڪ ڪيو وڃي ته جيئن هو سياست ۾ بهترين انداز سان حصو وٺي سگهن.
- ڇا ناريون توهان جي پارٽي ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪري رهيون آهن؟ جيڪڏهن ايئن ناهي ته انهيءَ جا سبب ڪهڙا آهن؟ ڇا انهيءَ صورتحال کي تبديل ڪري سگهجي ٿو؟

- متوقع ميمبرن تائين پهچڻ لاءِ هڪ پلان ناهيو ۽ پارٽي جي تقريبن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نارين جي رهنمائي ڪيو.
- وقت جو تعين ڪرڻ ڇا ڪيئن، ڪٿي ۽ ڪيتري مالي بجيٽ ۾ توهان جو پلان مڪمل ٿيندو؟
- ڇا توهان جي پارٽي ۾ نارين جوش و خروش سان حصو وٺن ٿيون؟ ۽ جيڪڏهن ايئن ناهي ته ڇو؟ پارٽي جي اندر نارين جي مدد لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪري سگهجن ٿا؟ ڇا پارٽي ۾ نارين جي ونگ موجود آهي؟ ڇا ناريون پارٽي جي قومي ڌارا ۾ شامل آهن ۽ ڇا اهي پارٽي جي اندر اهم عهدن تي فائز آهن؟ يا صرف ناري ونگ جا عهدا انهن وٽ آهن؟ جيڪڏهن اهي قومي ڌارا ۾ شامل ناهن ته انهيءَ جا سبب ڪهڙا آهن ۽ انهيءَ ۾ تبديلي ڪهڙي طرح آڻي سگهجي ٿي؟ انهن ڳالهين لاءِ هڪڙي پلان جي ضرورت آهي.
- ڇا ڪو اهڙو طريقو آهي، جنهن سان نارين کي پارٽي جي طرف وڌ کان وڌ متوجهه ڪري سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن اهو آهي ته ڇا اهي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن ٿيون ۽ پنهنجا مفاد ۽ شڪايتون بيان ڪري سگهن ٿيون، پارٽي کي گهرجي ته هو نارين جو احترام ڪري ۽ پارٽي ۾ نارين جي شموليت جو خير مقدم ڪيو وڃي.

## فنڊ گڏ ڪرڻ

1. پارٽي جي موجود مالي ذريعن تي نظرثاني ڪرڻ
2. ميمبر فيس ۽ عطيو جمع ڪرائڻ جو باقاعده نظام
3. خرچن تي نظرثاني.
4. فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ مهم هلائڻ. توهان ڪهڙيون تقريبون منعقد ڪندا ۽ توهان جا حدف ڪهڙا آهن. يعني توهان ڪيتري رقم گڏ ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ان جي باري ۾ هڪڙي تفصيلي پلان جي ضرورت هوندي آهي.
5. فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ پلان جي ڪيتري بجيٽ جي ضرورت آهي. اها رقم ڪيئن خرچ ڪئي وڃي. فنڊ ڪٿان جمع ڪيا وڃن؟ مالي ۽ ٻين شين جو عطيو ڏيڻ وارن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهيءَ ڳالهه جو خيال رکڻ ته ڪيترا دفعا عطيو ڏيڻ جي درخواست ڪئي وڃي.
6. معاشري جي مختلف طبقن جهڙوڪ واپاري، ڊاڪٽر، وڪيل، وغيره کان فنڊ جي لاءِ الڳ الڳ گروپ ناهڻ ۽ هر گروپ لاءِ فنڊ ڪرڻ لاءِ الڳ پلان ناهڻ. هن ۾ هي ڳالهه به شامل آهي ته هي مختلف طبقا پارٽي کي عطيه ڇو ڏئي رهيا آهن

۽ پارٽي کي عطيو ڏيڻ ۾ انهن جو ڪهڙو مفاد آهي؟ ڇا سگهي ٿو پارٽي جي ڪا خاص پاليسي انهن کي متاثر ڪندي هجي.

7. انهن ڳالهين جو به پلان ۾ ڏيڻ ضروري آهن ته هن پلان ۾ ڪيترو وقت لڳندو، ڪير شامل هوندو انهن جا فرض ڪهڙا هوندا هو ڪم ڪڏهن ۽ ڇو ڪندو؟ انهي لاءِ بجيٽ ناهڻ جي ضرورت هوندي آهي.
8. وڌيڪ ذريعا پيدا ڪرڻ لاءِ خاص رسالا ۽ پمفليٽ وغيره جاري ڪرڻ.

## ووٽرن تائين پهچ

- سول سوسائٽي سان تعلق بهتر بڻائڻ:پارٽي جي سينيئر ڪارڪنن کي گهرجي ته عوام جي حقن جي باري ۾ ڄاڻ ۽ عوام جو سياست ۾ حصو وٺڻ لاءِ تربيتي پروگرام جو اهتمام ڪن. انهيءَ ڳالهه جو پلان بنائڻ گهرجي ته هي تربيتي پروگرام ڪنهن جي مالي تعاون سان ڪيو ويندو.
- انهيءَ ڳالهه جي تحقيق ڪرڻ گهرجي ته توهان جي حلقي ۾ ڪيترا مرد، ناريون، نوجوان رهن ٿا ۽ ڪهڙي معاشي پسمنظر ۽ پيشي سان تعلق رکن ٿا؟ ڇا انهن جو تعلق ٻهراڙي يا شهر سان آهي؟ علائقي ۾ ڪهڙا ماڻهو بااثر آهن. جن سان پارٽي جي مدد لاءِ رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- ڇا توهان جا ووٽر توهان جو خاندان، دوست، پاڙي وارا يا اهي سماجي تعلقاتن يا نظرياتي تعلقاتن جي بنياد تي توهان سان گڏ آهن؟.
- توهان جو ووٽر سان رابطو ڪهڙي قسم جو آهي؟ ڇا توهان جو انهن سان سڌو يا اڻ سڌو رابطو آهي، سڌي رابطي ۾ ڇا توهان ان جي گهر وڃي سگهو ٿا. ٽيليفون ڪري سگهو ٿا ۽ انهن ماڻهن سان اجلاس ۽ ملاقات ڪري سگهو ٿا ۽ انهن ماڻهن سان اجلاس ۾ ملاقات ڪري سگهو ٿا وغيره شامل آهي، اڻ سڌي رابطي ۾ پوسٽر، پمفليٽ اخبارون وغيره شامل آهن.
- هن ڳالهه کي زير نظر آڻيو ته مقامي ڪائونسل ۽ پارٽي جي نوجوانن جي هڪ ٽيم ترتيب ڏني وڃي جيڪا ووٽرن کي انهن جي علائقن ۾ وڃي پارٽي جو پيغام پهچائي. انهيءَ لاءِ علائقي جي مسئلن وغيره جي معلومات ضرور هئڻ گهرجي. جيڪا انهي ٽيم کي ٻڌائي وڃي جيڪي انهي علائقي ڏانهن موڪليا پيا وڃن، يا وڃي ڪم ڪندا ۽ مستقبل ۾ ٽينڊڙ چونڊن ۾ اميدوارن جي تياري، مدد ڏئي سگهن.
- حڪمت عملي جي منصوبابندي جي ضرورت هوندي آهي ۽ هي ڳالهه به انهيءَ ۾ ڪيترو وقت لڳندو.
- گهر گهر وڃي پارٽي لاءِ ڪم ڪندڙن جي تربيت ڪئي وڃي.

- پارٽي جو ڪو نئون پيغام يا نئين پاليسي آهي، جيڪا پارٽي جي ڪارڪنن تائين پهچائڻ ضروري هجي ۽ انهي سان گڏ گڏ متوقع نون ميمبرن ۽ معاشري جي ٻين طبقن ۾ انهي کي پهچائڻ اهم هجي. ڇا انهي لاءِ ڪو پلان موجود آهي؟ جيڪڏهن آهي ته ڪهڙو آهي؟
- ڇا پارٽي جي پمفليٽ ۾ پارٽي جي اڳواڻن جي متعلق تفصيل ڏنا ويا آهن، جيڪڏهن آهن ته اهي مختصر هجن، پمفليٽ تي پارٽي جو نشان، پارٽي جو نالو ۽ پارٽي سان رابطي جو ڏس پتو ڏنل هجي، انهي سلسلي ۾ تصويرون ۽ ڊرائنگ جو استعمال ڪرڻ گهرجي.
- ڇا ڪنهن خاص مسئلي تي پارٽي جو پيغام پهچائڻ لاءِ پمفليٽ سان گڏ گهر گهر وڃي مهم هلائڻ جي ضرورت آهي؟.
- ڇا پارٽي ڪنهن ننڍڙي علائقي ۾ ڪو ننڍڙو سروي ڪرائي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن ايئن آهي ته پوءِ سروي جي نتيجن کي ڪيئن استعمال ڪيو وڃي؟ انهي لاءِ پلان جي ضرورت آهي.
- سڌو يا اڻ سڌو تعلق:انهي ۾ گهر گهر وڃي ڪري قائل ڪرڻ واري مهم جي لاءِ مواد ۽ اهڙو انتظام ڪندڙن جي تربيت جي ضرورت آهي.

حصو ٽيون

# هڪ موثر منشور ناهڻ

## منشور يا پارٽي پروگرام:

- اهڙيون پاليسيون آهن جن تي چونڊجڻ کانپوءِ چونڊيل اميدوار يا پارٽي کي عمل ڪرڻو هوندو آهي.
- پارٽي منشور ۾ ووٽرن کي انهن سوالن جا جواب ڏنا ويا هوندا آهن، جن جي باري ۾ انهن کي خدشا لاحق هوندا آهن. ڪنهن به پارٽي جي منشور جو خلاصو ئي پيغام هوندو آهي.
- پيغام مختصر ۽ عام فهم هئڻ گهرجي، جنهن سان آسانيءَ سان اندازو ٿي وڃي ته پارٽي ڇا ٿي ڪرڻ چاهي.
- جڏهن منشور ۽ پيغام تيار ٿي وڃي ته پارٽي جي هر ميمبر جي ذميواري آهي ته مهم جي دوران ماڻهن سان ملاقاتن ۽ ميڊيا جي ذريعي ووٽرن تائين اهو پيغام پهچائي.

### سرگرمي: پارٽي پليٽ فارم کي سمجهڻ

- ورڪشاپ کان پهرين پنهنجي پارٽي جي منشور جي هڪ ڪاپي حاصل ڪيو ۽ انهي کي غور سان پڙهو.
- پارٽي پليٽ فارم پيش ڪرڻ کانپوءِ پهرين شريڪ ٿيندڙن کان هيٺيان سوال ڪيو.
  - توهان اسان جي پارٽي جا ڪارڪن ڇا جي ڪري آهيو؟
  - پارٽي جي ڪهڙي ڳالهه يا خوبي جي ڪري توهان پارٽي ۾ شامل ٿيا؟
- هي ٻڌايو ته سيني سياسي پارٽين جو هڪ پليٽ فارم هوندو آهي، هي جيڪو پليٽ فارم هڪ جامع جمهوري طريقي سان ٺاهيو ويندو آهي اهو پارٽي جا معاملا هلائيندو آهي، پليٽ فارم پارٽي جي طرفان ووٽرن سان ڪيل واعدن جي نمائندو ڪندو آهي، خاص طور تي چونڊ مهم دوران. هن ۾ هي ڳالهه ظاهر هئڻ گهرجي ته پارٽي ڪهڙي معاملن يا مسئلن کي اهم تصور ڪندي آهي. انهن جي حل لاءِ پارٽي ڇا ڪندي ۽ انهن مان ڪهڙا مسئلا ترجيح تي آهن.
- شريڪ ٿيندڙن جي لاءِ پارٽي پليٽ فارم جو خلاصو تيار ڪيو منشور جي انهن نقطن تي توجهه مرڪز ڪيو جيڪي نارين جي مسئلن جي متعلق هجن.
- شريڪ ٿيندڙن کان پڇو ته ڪا شي رهجي ته نه وئي آهي، جيڪا شامل ٿيڻ گهرجي ها. شريڪ ٿيندڙن کي ان ڳالهه جو يقين ڏياريو ته اهي سياسي پارٽيون

جن جا پليٽ فارم ووٽرن جا مسئلا ۽ انهن جي حل جي باري ۾ هوندو آهي انهن کي وڌ کان وڌ ووٽ حاصل ڪرڻ جو موقعو هوندو آهي ۽ انهي طريقي سان چونڊن ۾ ڪاميابي جو بہ.

- شريڪ ٽيندڙ سان اهڙن ٻين واعدن تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو جيڪي پارٽي جي منشور ۾ شامل ٿيڻ گهرجن ۽ پارٽي ڪارڪن پارٽيءَ جي اندر پاليسين جي حمايت ڪيئن حاصل ڪري سگهن.

## سرگرمي: پليٽ فارم ٺاهڻ

- شريڪ ٽيندڙن کي ٻڌايو تہ پارٽي پليٽ فارم جمهوري انداز سان ٺهڻ گهرجي، قومي سطح تي پارٽي صوبائي سطح تان پليٽ فارم ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سفارشون پيش ڪري صوبائي سطح تي گهرجي تہ ضلعي سطح وارن کان سفارشون وٺي ۽ پوءِ انهن کي قومي سطح تي پارٽي کي موڪلي.
- هن ڳالهہ تي زور ڏيو تہ پارٽي جن مسئلن جي نشاندهي ۽ انهن جي حل جي لاءِ سفارش صوبي ۽ ضلعي سطح تي وٺي ٿي تہ انهي جو پليٽ فارم مضبوط ٿيندو ۽ عوام کي درپيش مسئلن جي متعلق هوندو.
- شريڪ ٽيندڙن کي ٻن يا ٽن گروپن ۾ ورهايو.
- شريڪ ٽيندڙن ۾ ”پارٽي پليٽ ٺاهڻ“ نالي هينڊ آئوٽ ورهايو ۽ شريڪ ٽيندڙن سان ملي ڪري انهي جو جائزو وٺو.
- هر گروپ کي چئو تہ هو هڪ اهڙي پاليسي جيڪا گذريل سرگرمي ۾ بحث هيٺ آئي هئي پنهنجي ذمي کڻي ۽ ورڪ شيٽ جو استعمال ڪندي وڌيڪ بهتر ڪيو ۽ پاليسي ٺاهيو.
- هر گروپ کي 10 کان 15 منٽ پاليسي ٺاهڻ لاءِ ڏيو.
- هر گروپ پنهنجي پاليسي جا تفصيل ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي گروپ مان هڪ نمائندو چونڊي.
- هر پاليسي تي بحث لاءِ گروپ ۾ شروعات ڪريو ۽ هي ڳالهہ بہ ڪريو تہ انهن جي پارٽي انهي پاليسي تي ڪيتري قدر عمل ڪرڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

## ياد رکو

- توهان جي پيغام کي انهي صورت ۾ ياد رکيو ويندو، جڏهن اهو ماڻهن جي مقامي مسئلن جي متعلق هوندو ۽ انهن کي پنهنجو لڳي. مختصر هجي ۽ بار بار ورجايو وڃي.
- اسان جو اميدار مقامي آهي ۽ علائقي جي مسئلن جي ڄاڻ رکي ٿو.

## مهم جا ذريعا

توهان کيئن معلوم ڪندا تہ ماڻهو ڪهڙن مسئلن جي ڪري پريشان آهن؟

توهان کي ڪميونٽي جي صرف ڪجهہ مسئلن جي خبر پئجي سگهي ٿي چو تہ توهان انهيءَ علائقي ۾ رهو ٿا ۽ ماڻهو عام طرح انهي باري ۾ گفتگو ڪن ٿا پر انهن مسئلن جي باري ۾ وڌيڪ تفصيلي صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ توهان هڪ سروي ڪري سگهو ٿا.

هي هڪ سادو سروي آهي، جنهن جي ذريعي سياسي پارٽيون شهرين، پارٽي جي دوستن ۽ همدردن جا خيال ۽ رايا معلوم ڪري سگهجن ٿا. ماڻهن کي پنهنجي چوگرد ڪيترين ئي جي مسئلن باري ۾ اڪثر پريشاني لاحق هوندي آهي، هي سروي سياسي پارٽين کي پنهنجي ترجيحن طئي ڪرڻ ۽ مسئلن جي حل لاءِ صحيح رخ ۾ ڪم ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري سگهن ٿا. چو تہ انهي مان هن ڳالهہ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ماڻهو صورتحال ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڇا ٿا چاهين، هي سروي سياسي پارٽين کي چونڊ لاءِ پنهنجا منشور واضح ڪرڻ ۾ بہ مدد فراهم ڪري سگهن ٿا.

- سياسي پارٽيون مقامي حڪومت جي بهتري لاءِ طريقن جي حوصلا افزائي جي لاءِ شهرين سان بحث مباحثو شروع ڪرائي سگهن ٿيون. مقامي حڪومتن جي بجيٽ ناهڻ وقت يا بجيٽ کي ترقياتي ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽيون ڪميونٽي جي ترجيحن کان واقف ٿي سگهن.
- انهي سان سٽيزن ڪميٽي بورڊ کي انهي ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي تہ شهري پنهنجي ڪميونٽي ۾ ڪهڙن مسئلي کي فورن حل طلب سمجهن ٿا.
- انهيءَ سروي مان حاصل ٿيل معلومات جي مدد سان توهان جي پارٽي کي مقامي طور تي ايجنڊا يا منشور ناهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.
- انهي سروي جي معلومات جي بنياد تي چونڊ مهم جي دوران چونڊ وڙهندڙ اميدوار جي تقرير لکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.
- پارٽيون يا اميدوار انهيءَ سروي مان مليل معلومات ميڊيا کي موڪلي سگهن ٿا ۽ انهن مسئلن جي لاءِ پنهنجي پارٽي جو موقف بيان ڪري سگهو ٿا.
- پارٽيون يا اميدوار سروي جا نتيجا نيوز ليٽر يا پفليٽ جي صورت ۾ شايع ڪري انهيءَ علائقي يا ضلعي ۾ تقسيم ڪري سگهن ٿيون، جتي هي سروي ٿيو هو.

## علائقي جي مسئلي تي سروي

- تاريخ، ضلعو تعلقو يونين ڪائونسل، شهر يا ڳوٺ جو نالو
- هيٺ هر خاني ۾ ڏنل مسئلن ۾ توهان جي علائقي ۾ ڪهڙو اهم مسئلو آهي، جيڪو مقامي حڪومت کي هر صورت ۾ حل ڪرڻ گهرجي.

- نوٽ طريقو: هر خاني ۾ پنهنجي ترجيح جي حساب سان ٽن مسئلن جي نشاندهي ڪريو.

1. مان مراد سڀ کان وڏيڪ اهم مسئلو
2. ٻيو سڀ کان اهم مسئلو
3. ٽيون سڀ کان اهم مسئلو

| توهان جي علائقي جي ڍانچي جا بنيادي مسئلا | معاشي ترقي | سماجي ترقي |
|---|---|---|
| پاڻي جي فراهمي | نجي جائيداد جا مسئلا | تعليم |
| گندي پاڻي جو نيڪال | روزگار | هنري تربيت |
| گند ڪچرو هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ گهٽين ۾ روشني نه هئڻ<br>رستا سرسبز پارڪ نه هئڻ<br>رستا<br>اسڪول<br>صحت مرڪز<br>ٽرانسپورٽ<br>ٻيو ڪجھ (مشوري سان) | قرض<br>زراعت<br>مال پالڻ<br>واپار ڪي هٽي وٽرائڻ<br>سياحت<br>ٻيو ڪجھ(مشوري سان) | پبلڪ هيلٿ/عوام صحت<br>سماجي تعاون<br>ٻيو ڪجھ (مشوري سان) |
| توهان جي خيال ۾ مقامي حڪومت ڪي عوام جي مسئلن ڪي ڪهڙي طرح شفاف بڻائڻ گهرجي؟ | توهان جي خيال ۾ مقامي حڪومت جي ڪمن جي نگراني ڪهڙي طرح ممڪن آهي؟ | توهان ڪهڙي طريقي سان مسئلا حل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا؟ |
| عوام ڪي ڪائونسل جي اجلاس جي باري ۾ ٻڌايو وڃي | چونڊيل نمائنده عوام سان گڏ باقاعده وقفن وقفن سان احتسابي ميٽنگ ۾ | ٽائيم ڏيندا |
| ڪائونسل جي فصلن ڪي عوام تائين پهچائڻ | مقامي ڪائونسل جي اجلاس ۾ بطور مشاهدي طور شريڪ ٿيڻ | پنهنجي پيشي جي حساب سان |
| وقفي وقفي سان شهرين يا ڳوٺ وارن سان ملڻ | سڏي سنئين نگراني ڪرڻ | عوامي جلسا ڪرڻ |
| باقاعده ميٽنگون ڪرڻ | ٻيو سيني جي مشوري | مقامي اهلڪارن سان |

| | | |
|---|---|---|
| | سان | ملاقات ڪرڻ |
| ڳوٺ وارن يا شهرين لاءِ معلوماتي مرڪز قائم ڪرڻ | | ٻيو (سيني جي مشوري سان) |
| ٻيو سيني جي مشوري سان | | |

## ميڊيا جي لاءِ حڪمت عملي ٺاهڻ

ميڊيا لاءِ حڪمت عملي ٺاهڻ وقت پنهنجي پاڻ کان سوال ڪريو ته:

1. توهان جا حدف ڪهڙا آهن؟
2. توهان ڪهڙو پيغام پهچائڻ چاهيو ٿا؟
3. توهان ڪنهن تائين پيغام پهچائڻ چاهيو ٿا؟
4. توهان انهي مان ڇا ٿا حاصل ڪرڻ چاهيو؟
5. توهان ڇا ٿا چاهيو ته ميڊيا، توهان ۽ توهان جي ٽيم جي متعلق عوام کي ڇا ٻڌائي؟
6. توهان وٽ وسيلا ڪهڙا آهن؟

ميڊيا جي حڪمت عملي ٺاهڻ لاءِ ڪجهه مشورا شامل ڪريو.

- پنهنجن حدفن ۽ مقصدن جو تعين ڪريو.
- پنهنجي مهم جو پيغام ٺاهيو.
- پنهنجي ٽارگيٽ ڪيل ماڻهن جو تعين ڪريو.
- ميڊيا جي موقعي جو تعين ڪريو.
- پنهنجن وسيلن جي فهرست ٺاهيو
- پنهنجو رويو لچڪدار رکو.

## پريس رليز تيار ڪرڻ

1. هڪ اثرائتي پريس رليز تيار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پريس رليز کي معياري انداز ۾ لکو.
2. ڪوشش ڪري هڪ صفحي تي پورو موقف لکو. وڌ کان وڌ ٻه صفحا
3. صاف اڇي پني تي لکيل هجي.
4. سٺن اکرن ۾ لکيل هجي يا ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل.
5. رابطي جي معلومات کي واضح طرح لکو.
6. پريس رليز ۾ بنيادي موقف جو موضوع وڏن اکرن ۾ واضح ڪري لکو.
7. جن ماڻهن ڏانهن پريس رليز موڪلي وڃي انهن جو نالو واضح طور لکيو وڃي

8. انهي اهم مسئلي جو اعلان ڪريو جنهن جي طرف توهان ميڊيا جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيو ٿا.
9. مختصر ۽ جامع لکو

هيٺ ڏنل ڳالهين جا جواب پيراگراف ۾ لکو.

- خبر جو موضوع ڪهڙو آهي.
- ڇا ٿي رهيو آهي.
- ڪٿي ٿي رهيو آهي.
- ڪڏهن ٿي رهيو آهي.
- ڇو ٿي رهيو آهي.
- هر ممڪن حد تائين صحيح ۽ ڪم جي ڳالهه ڪريو.
- جيڪڏهن پريس رليز هڪ صفحي کان وڌيڪ آهي ته پهرين صفحي جي آخر ۾ لکو "هلندڙ" اهي جيڪڏهن پهرين صفحي تي مڪمل ٿيل هجي ته لکو ختم شد.
- ٽيليفون جي ذريعي پريس رليز جو فالو اپ ڪريو. فون تي معلوم ڪندا رهو ته خبر ڪهڙن ڪهڙن چينلن تي هلي پئي يا هلي آهي.

## ٻين کي قائل ڪرڻ جي حڪمت عملي

- ڪنهن کي قائل ڪرڻ چاهيو ٿا.
- ڪهڙي طرح قائل ڪري سگهو ٿا.
- قائل ڪرڻ جو سڀ کان آسان ۽ سولو طريقو جيڪو توهان استعمال ڪري سگهو.
- ٽيلي ويزن/ريڊيو
- اخبار ۾ اشتهار ڏيڻ
- اخبار ۾ مضمون لکڻ
- پمفليٽ شايع ڪرڻ
- براڇوشر

## هڪ اثرائتي مهم

ڪامياب مهم جي لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن.

- مهم هلائڻ لاءِ هڪ پرجوش ۽ پيشوارانه ٽيم جو هئڻ.
- اهڙن گروهن جي نشاندهي ڪرڻ جيڪي توهان جي مقصد سان همدردي رکندا هجن.

- مهم جو هڪ اهڙو منصوبو جنهن ۾ مهم جي حڪمت عملي، بجيٽ، فنڊ گڏ ڪرڻ جو منصوبو ۽ گڏجاڻين جي تاريخن جو محتاط انداز ۾ تعين ڪيو ويو هجي.
- مهم جو اهڙو پرڪشش پيغام جيڪو آساني سان ٻين تائين پهچائي سگهجي.

هن ڳالهه تي غور ڪريو تہ توهان جي ڪميونٽي جا ڪهڙا اهم مسئلا آهن ۽ مهم دوران انهن مسئلن جا حل پيش ڪرڻ تي زور ڏيو.

- هن ڳالهه ڪي يقيني بڻايو تہ پيغام پهچائڻ لاءِ جيڪو ذريعو اختيار ڪيو ويو آهي اهو ماڻهن تائين صحيح نموني پهچي رهيو آهي، مثال طور توهان انهن ماڻهن تائين پيغام پهچائڻ چاهيو ٿا جيڪي پڙهي نٿا سگهن تہ پوءِ پنهنجو وقت ۽ پيسو اخباري اشتهارن تي ضايع نہ ڪريو.
- مهم جي سرگرمين جو حدف ۽ مقصد واضح هئڻ گهرجن جيڪي ووٽرن تائين آساني سان پهچي سگهن.
- پنهنجي مهم ۾ پيش ايندڙ امڪاني رڪاوٽن جو تعين ڪري انهن کي ڪهڙي طريقي سان حل ڪرڻ جو طريقو اڳواٽ سوچيو انهن رڪاوٽن ۾ هيٺ ڏنل رڪاوٽون شامل ٿي سگهن ٿيون.
  - اهڙا ماڻهو جيڪي ڪنهن ڳالهہ جو فڪر نٿا ڪن.
  - تبديلي جي مزاحمت
  - هڪ اهڙو اميدوار يا اهڙي پارٽي جيڪا مصروف نہ هجي.
  - پارٽي جي ماضي جي ڪارڪردگي جو ڇڏيل منفي تاثر
  - عوام مهم ذريعي متحرڪ نٿا ٿين.
- عوام کي هي احساس ناهي تہ سياستدان انهن جي مسئلن لاءِ فڪر مند هوندا آهن.
  - سياست کي منفي ۽ گندو سمجهيو وڃي ٿو.
  - رڪاوٽون عبور ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي.
- علائقي ۾ مختلف گروهن تائين مختلف طريقن سان پهچ، مثال جي طور تي خاص دلچسپيبن، معزز ماڻهو يا نارين جي ذريعي جن کي سماج ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.
  - انهن مسئلن تي تحقيق ڪريو جيڪي توهان جي علائقي لاءِ اهم هجن.
  - اهڙي مهم هلايو جيڪا مسئلن جي بنياد تي هجي.
  - پنهنجي پيغام کي ٻين تائين پهچائڻ کي يقيني بڻايو.
  - اهڙي ليڊر کي چونڊيو جنهن جي ڪميونٽي ۾ اڳ ۾ ئي ڪجهہ ساک هجي.

- پنهنجي اميدوار جو نالو ۽ چهرو متعارف ڪرايو (پوسٽر وغيره)
- پمفليٽ، اخبارن ۾ اشتهار، گهر گهر وڃي مهم هلائڻ ۾ غير رسمي اجلاس (پنهنجي پارٽي وارن ۽ دوستن کي چانهه جي دعوت ڏيو)
- رنگ برنگي پرڪشش تقريبون ڪرائڻ
- ووٽرن سان ملاقاتون ۽ پنهنجو پيغام پهچائڻ دوران پرجوش نظر اچو.
- پرخلوص رهڻ جو اظهار ڪريو.
- چونڊن ڪانپوءِ به رابطي ۾ رهو.
- اليڪشن ۽ چونڊ مهم ضابطن کان باخبر رهو.
- پنهنجي ڪنهن ميمبر کي چئو ته هو هن اهم موضوع تي توهان کي صلاح مشورو ڏئي.
- ميڊيا ۽ عام ماڻهن سان تعلق رکندڙ شعبي جو هڪ اهڙو منصوبو ٺاهيو جيڪو ڪاميابي سان ميڊيا جي توجهه حاصل ڪري ۽ توهان جي مهم کي اجاگر ڪري.
- ووٽرن کي ووٽ وجهڻ جي لاءِ آماده ڪرڻ جو هڪ موثر منصوبو ٺاهيو.
- ووٽ وجهڻ جي بنيادي معلومات ووٽرن تائين پهچايو، جنهن ۾ هي ڳالهيون شامل هجن. چونڊون ڪڏهن ٿينديون، ووٽ ڪهڙي جڳهه تي ۽ ڪهڙي وقت وڌا ويندا، انهيءَ ڳالهه جو اطلاع فون، ميسيج يا گهر گهر وڃي ڏيو.
- ووٽرن کي ٽرانسپورٽ جي پيشڪش ڪيو.
- انهن ووٽرن تي نظر رکو جن ووٽ نه وڌا آهن ۽ پوءِ انهن کي ووٽ وجهڻ جي لاءِ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.
- هر پولنگ اسٽيشن تي پولنگ جي نگراني لاءِ انتظام ڪريو.

## مهم ٽيم جي ميمبرن جون ذميواريون

### مهم جو مئنيجر

- مهم ۽ اميدوار جي روزانه سرگرمين جي نگراني ڪندو آهي.
- مهم جي سيني پاسن تي نظر رکندو آهي.
- مالي وسيلن جو ڪوآرڊينيٽر
- مهم جي بجيٽ ٺاهي ٿو ۽ انهن جي خرچن جو حساب رکي ٿو.
- فنڊ گڏ ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي ٿو.
- عطيو ڏيندڙن ۽ انهن جو رڪارڊ رکي ٿو.

### گهر گهر وڃي ڪري قائل ڪندڙن جو ڪوآرڊينيٽر

- مهم جي لاءِ گهر گهر تائين ڦائل ڪرڻ وارن لاءِ منصوبو ٺاهيندو آهي.
- هن ڳالهه کي يقيني بڻائي ٿو ته منصوبو مڪمل آهي.
- هن ڳالهه کي يقيني بڻائي ٿو ته گهر گهر وڃي ڦائل ڪندڙ وٽ گهربل مواد ۽ انهن جي تربيت ٿي آهي.

### رضاڪارن جو ڪوآرڊينيٽر

- رضاڪارن کي ڀرتي ۽ منظم ڪندو آهي.
- رضاڪارن لاءِ منصوبا ٺاهيندو آهي.

### ميڊيا ڪوآرڊينيٽر

- مهم جي رابطا ڪاري جو منصوبو ٺاهيندو آهي.
- رابطا ڪاري جي سڀني پهلوئن بشمول ميڊيا سان واسطا، تقرير لکڻ ۽ پمفليٽ وغيره تي نظر رکندو آهي.
- خاص گڏجاڻين جو ڪوآرڊينيٽر مهم جي لاءِ خاص گڏجاڻين جا منصوبا ٺاهيندو آهي.
- عوامي سرگرميون منظم ڪندو آهي.

### اليڪشن جي ڏينهن جو ڪوآرڊينيٽر

- مهم جي آخري ڪجهه هفتن ۾ چونڊ جي ڏينهن جي سرگرمين جو انتظام ڪندو آهي ۽ ووٽرن کي اليڪشن جي ڏينهن پولنگ اسٽيشن تي آڻڻ وغيره جو انتظام ڪندو آهي.

### چونڊ ايجنٽ

- ووٽنگ جي دوران پولنگ اسٽيشن تي اميدوار جي نمائندگي لاءِ نگران ڀرتي ڪندو آهي ۽ انهن کي منظم پڻ ڪندو آهي.
- چونڊ جي سڀني قانون جي ڄاڻ رکندو آهي ۽ ٻين کي به ٻڌائيندو رهندو آهي.

## سياسي مهم جا عنصر

### مهم ڇا آهي؟

ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ هڪ باقاعده منصوبه بندي جي تحت ٿيندڙ سرگرمين جي هڪ سلسلي کي مهم چئبو آهي.

### سياسي مهم جا پهلو ڪهڙا آهن؟

هڪ شخص يا گهڻن شخصن جو هڪ گروپ پارٽي جي اندر ۽ ٻاهر متعارف ڪرائڻ، ڄاتل سڃاتل چهرا جيئن عوام کي انهن مان پنهنجائپ جو احساس ٿئي ۽ انهن کي ووٽرن تائين پهچ ۾ آساني به ٿئي.

- اجلاس.

- ملاقاتن ذريعي ٻين کي متاثر ڪرڻ
- پوسٽر ۽ پمفليٽ
- گيت
- مارچ
- ٻيون سرگرميون (جي هجن تہ)

**سياسي مهم جا مثبت پهلو ڪهڙا آهن؟**

- مهم جي دوران اهم مسئلن جي نشاندهي.
- عوامي منصوبن جو چونڊن کان پهرين شروع ٿيڻ، يا شروع ٿي ختم ٿيڻ.

**سياسي مهم جا منفي پهلو ڪهڙا آهن؟**

- جسماني تشدد، ڪميونٽي جي اندر خوف ۽ هراس
- ڪميونٽي جو تقسيم ٿي وڃڻ
- نسلي مسئلا
- الزام لڳڻ وغيره.

**اثرائتي مهم جا چار مرحلا:**

1. **تياري:** مهم جا مقصد تعين ڪرائڻ لاءِ تحقيق ڪرايو.
2. **منصوبابندي:** انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرمين جي حڪمت عملي ٺاهيو.
3. **انتظام:** هن حڪمت عملي تي عمل درآمد جي لاءِ هڪ ٽيم ٺاهيو.
4. **عمل درآمد:** هن حڪمت عملي تي ڪم ڪيو.

**هڪ بنيادي منصوبو بنيادي سوالن جا جواب ڏيندو آهي.**

- اسان ڇا ڪنداسين (سرگرميون)
- اسان هي ڇو ٿا ڪريون؟ (مقصد جو حاصل ڪرڻ)
- هي ڪير ڪندو؟
- اسان هي ڪڏهن ڪنداسين؟
- ڪاميابي جو جائزو ڪيئن ورتو ويندو؟
- هي سڀ انتظام ڪير ڪندو؟
- مهم جي منصوبي کي تحريري شڪل ڏيڻ ڇو ضروري آهي؟ انهيءَ جي لاءِ تہ انهي سان سڀ ماڻهو نظم ۽ ضبط جا پابند ٿي ويندا.

**حڪمت عملي: ڪير، ڇو ۽ ڪيئن**

- پيغام: واضح (مطابقت رکندو هجي ۽ انهي جو ڪو مقصد هجي

- طريقو: ڪيئن (گهر گهر وڃي ڪري , پوسٽر ورهائڻ, ٽي وي يا ريڊيو جي ذريعي)
- ڏانچو: بجيٽ, گهربل وقت, فرد (ڪير ڪير ڇا ٿو ڪري) ٻيا.

**مهم جو منصوبو ٺاهڻ**

مهم جو منصبو ٺاهڻ وقت هيٺين ڳالهين جو خيال رکو.

- مهم جي حڪمت عملي جنهن ۾ مهم جو پيغام بہ شامل هجي.
- مهم جي لاءِ هڪ ٽيم جنهن جون ذميواريون ۽ ڪردار واضح هجي.
- مهم جي ٽيم کي گڏ ڪرڻ
- ٽيم جي ميمبرن لاءِ ذميوارين جي نشاندهي ۽ انهن کي ذميواريون ڏيڻ.
- توهان جي حدف آبادي جي باري ۾ معلومات
- ووٽرن سان رابطي ڪرڻ جي حڪمت عملي

**بجيٽ**

- مالي ۽ انساني وسيلن سميت سيني وسيلن جي موجودگي جو هئڻ.
- مهم جون سرگرميون جنهن ۾ خاص پروگرام بہ شامل هجن

**مهم جو سامان**

- ميڊيا ۽ ٻين عام تعلقاتن جي باري ۾ حڪمت عملي
- ٽائيم ٽيبل ۽ پروگرام جو ڪئلينڊر

**مهم جون سرگرميون**

مهم جي حڪمت عملي ٺاهڻ وقت سرگرمين جي منصوبابندي جي لاءِ هيٺ ڏنل ڳالهين تي غور ڪريو.

**ڪامياب مهم لاءِ غور:**

- ڇا اها اثرائتي ۽ پرڪشش آهي؟
- ڇا انهيءَ ۾ ڪافي معلومات موجود آهي؟
- ڇا توهان سوچيو آهي تہ ڪهڙا وسيلا گهربل آهن (انساني ۽ مالي وسيلن سميت) ۽ وسيلا توهان ڪيئن حاصل ڪندا؟
- ڇا توهان ٻين سان الحاق ڪيو آهي؟
- ڇا توهان ڪامياب مهم جي لاءِ امڪاني رڪاوٽن جي نشاندهي ڪئي آهي؟
- عوام جي مايوس ۽ غير همدرداڻي روش.
- عوام جي روين, عقيدن ۽ عملن ۾ تبديلي جي عمل جي مزاحمت
- نامڪمل وسيلا
- توهان رڪاوٽن کي ڪيئن منهن ڏيندا.

- ڪميونٽي جي اندر مختلف مخصوص گروپن کي ڪهڙن مختلف طريقن سان حاصل ڪندا.(عمر، خاص دلچسپي، نسل جي بنياد ۽ ناريون.
- اهڙن مسئلن تي تحفظ جيڪي توهان جي حدف سامعين جي خاص دلچسپي جا حامل هجن.
- پنهنجي پيغام جي اثرائتي پهچ لاءِ مارڪيٽنگ.

**ووٽرن کي ووٽ وجهڻ لاءِ آماده ڪرڻ جو هڪ اثرائتو منصوبو نا هيو**

ووٽ وجهڻ جي بنيادي معلومات ووٽرن ۾ ورهايو جنهن ۾ هي ڳالهيون شامل هجن تہ چونڊون ڪڏهن ٿينديون، ڪهڙي جڳهہ تي، ڪهڙي وقت ووٽ وڌا ويندا، انهيءَ جو اطلاع فون، ميسيج يا پمفليٽ جي ذريعي ڏئي سگهجي ٿي.

**ووٽرن کي ٽرانسپورٽ جي پيشڪش ڪريو:**

- انهن ووٽرن تي نظر رکو جيڪي ووٽ نٿا ڏين انهن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو.
- هر پولنگ اسٽيشن جي پولنگ جي نگراني لاءِ انتظام ڪريو.
- پروفيشنل انداز

**قائل ڪرڻ وارن لاءِ ڪجهہ مشوره**

ڪجهہ اهڙا مشوره جنهن سان توهان گهر گهر وڃي قائل ڪرڻ جي مهم کي اثرائتو بڻائي سگهو.

**هيٺ بيان ڪيل قدم، ضرور کڻو**

- دروازي تي پهچڻ کان اڳ پهرين ووٽر لسٽ ۾ ووٽر جو نالو ڏسي وٺو.
- اندر ايندين ۽ ٻاهر ويندين وقت دروازو بند ڪريو.
- گهر جي گهنٽي وڄائڻ بجاءِ هميشہ دروازي جو ڪڙو کڙڪايو ڇو تہ توهان کي خبر نہ پوندي تہ گهنٽي وڄي ٿي يا خراب آهي.
- هميشہ ماڻهو جو نالو وٺي مخاطب ٿيو.
- پنهنجي چهري تي مسڪراهٽ رکو.
- توهان ٻڌايو تہ توهان پنهنجي اميدوار جي نمائندگي پيا ڪريو. پنهنجي اميدوار جو نالو وٺڻ تمام اهم آهي.
- معلوم ڪريو تہ گهر ۾ ڪيترا ووٽر آهن.
- بزرگن کي پولنگ اسٽيشن تي آڻڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جي پيشڪش ڪيو، جيڪڏهن ضرورت هجي تہ نوٽ ڪريو.
- ووٽر جو شڪريہ ادا ڪريو پلي اهو توهان جو مخالف ئي ڇو نہ هجي.

- ماڻهن کي هن ڳالهه جو موقعو نہ ڏيو جو هو توهان جو گهڻو وقت وٺي وڃي، جو تہ توهان کي وڏ کان وڏ ماڻهن سان ملڻو آهي. توهان چئو تہ توهان جو مسئو اسان لکي ڇڏيو آهي ۽ اميدوار کي ضرور ٻڌائيندا سين.
- گهر جي اندر نہ وڃو انهيءَ سان توهان کي دير ٿي ويندي ۽ ٻين کي توهان جي انتظار ۾ ويهڻو پوندو.
- جيڪڏهن توهان کان ڪو اهڙو سوال پڇيو وڃي جنهن جو جواب توهان کي نہ ايندو هجي تہ گهبرايو نہ توهان چئو تہ اسان توهان جو سوال پنهنجي اميدوار تائين پهچائيندا سين ۽ انهيءَ کي اميدوار تائين ضرور پهچايو.
- ڪڏهن بہ پنهنجي پارٽي جي حمايتن کي نظر انداز نہ ڪريو.
- هي فرض نہ ڪريو تہ زال مڙس هڪڙي ئي اميدوار کي ووٽ ڏيندا، هي بہ فرض نہ ڪريو تہ ڪير ڪنهن کي ووٽ ڏيندو. پر شرط هي آهي تہ هو مخالف جو ڪارڪن نہ هجي. ووٽر هڪڙي چونڊ کانپوءِ ٻي چونڊ تائين پنهنجو ذهن تبديل ڪندا آهن. (جيڪڏهن ايئن نہ هجي تہ هميشہ هڪڙي ئي پارٽي جي حڪومت هجي).
- اسان جا ووٽر ڪهڙا آهن؟
- اسان انهن تائين ڪيئن پهچون؟
- ان ڳالهه جو اندازو ڪريو تہ توهان کي چونڊ کٽڻ لاءِ ڪيترا ووٽ گهربل آهن؟
- عام طرح ووٽرن جا 3 قسم ٿين ٿا:

(الف) پڪا ووٽر: اهڙا ووٽر جيڪي يقيني طرح توهان کي ووٽ ڏيندا.

(ب) مخالف ووٽر: جيڪي توهان جي مخالف کي ووٽ ڏيندا.

(ج) اهڙا ووٽر جن اڃا تائين فيصلو نہ ڪيو آهي تہ اهي ڪهڙي اميدوار کي ووٽ ڏيندا؟

**حدف ٿيل ووٽرن جي نشاندهي لاءِ هيٺين ڳالهين متعلق سوچيو.**

- توهان جو ووٽر ڪير آهي؟ توهان کي پنهنجي ووٽر جو پروفائيل ڄاڻڻ جي ضرورت آهي.
- هو ڪهڙي ڳالهه جي لاءِ فڪر مند آهن.
- هو جاگرافي طور ڪهڙي جڳهہ تي رهن ٿا؟ اهڙي امڪاني جڳهہ جي باري ۾ سوچيو جتي توهان ماڻهن ۾ مواد تقسيم ڪريو. مثال جي طور بزرگ شخص ۽ بزرگ ماين ۾ مواد صحت مرڪز جي ويجهو وڃي ورهايو.
- ڇا اهي توهان جا حمايتي آهن، جن تائين توهان مواد پهچايو پيا، ووٽ ڏين ٿا يا نہ؟

- توهان ڪهڙي وقت انهن تائين پهچو ٿا؟ هو ڪهڙي وقت ووٽ ڏيندا آهن؟
- مسئلن جي متعلق هو ڪهڙي طرح ڄاڻن ٿا؟ ٽيليوزن، ريڊيو يا اخبار جي ذريعي هو ڄاڻن ٿا.

## ڪامياب مهم

### ووٽرن جو توجهه حاصل ڪرڻ جا اصول

هيٺ ڏنل ٻارنهن ساده اصول آهن. اسان هي دعوي نٿا ڪري سگهون ته هي اصول هر ثقافت، علائقي يا قومي مزاج جي مطابق استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن انهن اصولن تي عمل ڪيو وڃي ته توهان کي جلد احساس ٿيندو ته توهان نه صرف وڏيڪ ڪامياب ٿي رهيا آهيو پر سياست به وڏيڪ دلچسپ ٿي ويندي ۽ توهان جو حوصلو وڌڻ لڳندو.

### اصول 1: دانشمندي سان سوچيو:

ڪاميابي جي لاءِ هن کان بهتر ٻيو ڪو طريقو نٿو ٿئي ته سرگرمين جي منصوبابندي وڏي احتياط سان ڪريو. حڪمت عملي جي هڪ واضح منصوبي تي عمل ڪريو. سياست ۾ دانشمندي سان منصوبا ٺاهڻ جو مطلب آهي ته توهان پنهنجي لاءِ هڪ واضح مقصد ۽ پنهنجي حدف جو تعين ڪري سگهو ٿا. مثال طور هي ته توهان پنهنجي ووٽرن کي چونڊ جي آخري مرحلي ۾ ڪهڙي طرح نظر اچڻ چاهيو ٿا يا توهان جي ٽيم توهان جي شخصيت ڪيئن سمجهي ٿي، انهن سرگرمين ۽ آئيڊياز تي توجهه ڏيو جيڪي توهان کي ڪامياب ڪرائينديون. انهيءَ ڪري انهن مسئلن، پيغامن وغيره کي طئي ڪيو جيڪي انهي قسم جي سرگرمين تي توجهه رکڻ ۾ مدد ڏين. جڏهن حڪمت عملي ٺاهي وڃي ته ان تي عملدرآماد ڪرڻ ضروري آهي، پنهنجي حڪمت عملي کي ڳجهو رکو جيڪڏهن توهان جي مخالف کي توهان جي حڪمت عملي جو علم ٿي ويو ته پوءِ هو ان کي بي اثر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو.

### اصول ـ2: صرف پنهنجي ڪاميابي جو منصوبو نه ٺاهيو پر پنهنجن ووٽرن کي ٻڌايو ته ڪاميابي ڪانپوءِ توهان ڇا ڪندا؟

ووٽر سياستدان کان فوري ۽ واضح فائدن جي توقع رکندا آهن. توهان هي اميد نه ڪريو ته ووٽر توهان کي ووٽ صرف انهي لاءِ نه ڏيندا ته توهان محترم آهيو ۽ مخلص سياستدان آهيو. گهڻا ووٽر سياستدانن تي اعتبار نه ڪندا آهن. انهن جو يقين هوندو آهي ته سياستدان خودغرض هوندا آهن ۽ پنهنجي ووٽرن جو خيال نه رکندا آهن. انهي ڪري توهان پنهنجي ممڪنه ووٽرن کي ضرور هي فرق ٻڌايو ته هو

ڪنهن ٻي اميدوار جي بدلي توهان کي ڇو ووٽ ڏئي. ووٽر چونڊن کان پهرين ئي معلوم ڪرڻ چاهيندا آهن ته توهان انهي عهدي تي پهچي انهن لاءِ ڇا ڪندا؟ ووٽرن کي واضح ٻڌايو ته توهان انهي لاءِ ڇا ڇا ڪندا؟

**اصول 3:**

پنهنجي منفي ۽ مثبت نقطہ نظر جو جائزو وٺو منفي نقطن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪي توهان جي ڪاميابي کي ڏک هٽي سگهن ٿا. پنهنجي منفي ۽ مثبت نقطن جو اهڙي انداز سان جائزو وٺو ته اهي توهان جي مقصد حاصل ڪرڻ تي ڪيترو اثر انداز ٿي سگهن ٿا. هر هڪ منفي نقطي جو تفصيلي جائزو وٺو. ياد رکو جيڪڏهن توهان هوشيار ۽ تخليقي آهيو ته هر منفي نقطي کي مثبت ۾ تبديل ڪري سگهو ٿا. مثال جي طور توهان جو مخالف هڪ تجربيڪار ۽ وڏي اثر وارو سياستدان آهي ۽ توهان اليڪشن جي سياست ۾ نوان آهيو ته توهان هي چئي سگهو ٿا ته توهان جي مخالف وٽ نون خيالن جي ڪمي آهي ۽ ووٽرن کان ڪٽجي ويو آهي. وغيره.

**اصول 4: ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌو ۽ اهم مسئلن تي ڌيان ڏيو.**

ووٽر پنهنجي زندگي ۾ واضح تبديليون ڏسڻ چاهيندا آهن. مثال طور روزگار، ٻارن لاءِ سٺي معياري تعليم ڏوهہ ۽ تشدد کان محفوظ علائقو وغيره. ماڻهن جي مجموعي طرح اهڙين ضرورتن تي ڌيان ڏيو. انهن ضرورتن کي سمجهڻ جو بهترين طريقو آهي ته ووٽرن جون ڳالهيون ٻڌو ۽ انهن جڳهن تي وڃو جتي ماڻهو آزادي سان توهان سان ڳالهائي سگهن، يعني بازارن ۾ بس اسٽيشن تي يا اهڙي جڳهہ تي جتي ماڻهن جا هجوم هجن. ڪامياب سياستدان پنهنجن ووٽرن جون ڳالهيون ٻڌندا آهن ۽ توجهہ ڏيندا آهن.

**اصول5: ووٽرن جي اهم مسئلن تي توجهہ ڏيو ۽ انهن مسئلن جو بار بار ذڪر ڪريو.**

عام ووٽر جي زندگي ۾ سياست جي حيثيت تمام گهٽ هوندي آهي. ووٽرن وٽ ايترو وقت ناهي هوندو جو هو سياستدان جي هر پاليسي کان واقف هجن. تنهنڪري اهڙو مسئلو چونڊيو جيڪو توهان جي ووٽرن لاءِ اهم هجي ۽ توهان جي مخالف کان توهان جو موقف بہ مختلف ۽ اثرائتو هجي.

**اصول 6: هر ڪنهن جي لاءِ محبوب بڻجڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. توهان جو مخالف ئي سڀ کان وڏيڪ توهان کي اهم بڻائي سگهي ٿو.**

معاشرو مختلف گروپن تي مشتمل فردن تي هوندو آهي. جن جا خيال مختلف ٿين ٿا ۽ اڪثر متضاد هوندا آهن. تنهن جي ڪري توهان جو مخالف سڀ کان وڌيڪ توهان جي ساک ناهي ٿو. جيڪڏهن توهان پنهنجا ڪارڊ صحيح طريقي

سان استعمال ڪيا تہ توهان جو مخالف ٿي توهان ڪي سڀ ڪان وڏيڪ ساک ڏيڻ وارو سستو ذريعو ٿي سگهي ٿو.

**اصول 7: سادي طريقي سان ڳالهايو سڌو سنئون ڳالهايو مثال ڏيو ۽ تفصيلن ڪان احتياط ڪريو.**

گهڻن ووٽرن لاءِ سياستدان ٻئي دنيا جي مخلوق هوندا آهن. ان جو هڪڙو سبب سياستدان جي زبان آهي. جيڪا ٻولي پارٽي جي اجلاس ۾ ڳالهائي ويندي آهي. اها ٻولي ووٽرن سان ڳالهائڻ صحيح ناهي انهن سان عام ۽ سادي ٻولي ۾ مخاطب ٿيو ۽ عوامي ٻولي ۾ اثر انداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪريو.

**اصول 8: پنهنجي ووٽرن جي لاءِ واضح نتيجن جي متعلق ڳالهايو هروڀرو ٻين معاملن ۽ طريقي جو ذڪر نہ ڪريو.**

اڪثر سياستدانن ڪان وسري ويندو آهي تہ ووٽر طريقيڪار وغيره ۾ نہ پر نتيجن ۾ دلچسپي رکندا آهن. هو ڏسندا تہ اسان جو ڪم ڪيئن ٿيندو؟ انهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا مسئلا درپيش ايندا، انهن سان ووٽر جي دلچسپي نہ هوندي آهي.

ڪامياب سياستدان مسئلن جي حل لاءِ درپيش مسئلن جو ذڪر نہ ڪندا آهن. هو صرف چوندو تہ اسان هي ڪم ڪري ڏيکاريندا سين.

**اصول 9: حقيقت پسنديءَ ڪان ڪم وٺو.**

نوجوان سياستدان هي يقين ڪري ويهي رهندا آهن تہ ووٽر ڪنهن اميدوار کي سٺن خيالن ۽ ارادن جي ڪري انهيءَ جو صلو ڏيندا پر هن جي اميدن جي ابتڙ چونڊ جي ڏينهن اهي انهي ساڳي ڪرپٽ، نسبتن پوڙهي کي ٻيهر ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندا آهن. انهي جا ڪجھ بنيادي سبب هي آهن، پهريون تہ ووٽر ضروري ناهي تہ ماضي جي ڪارنامن جو صلو ڏئي پر اهڙن نمائندن کي چونڊيندا آهن جن مان هو مستقبل ۾ وڏيڪ اميد لڳائي ووٽ ڏيندا آهن. ٻيو تہ نئون اميدوار سمجهندو آهي تہ پهريان ڪان چونڊيل نمائندي جي ماضي ۾ ناڪامين ۽ ناانصافيون ووٽر ياد رکي هن کي رد ڪندا پر ايئن نہ ٿيڻ جا امڪان بہ موجود رهندا آهن. ٽيون تہ هي عام طور تي ماڻهو سياستدان ڪان وڏيڪ اخلاقي رويي جي اميد نہ لڳائيندا آهن جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. ووٽر جي لاءِ سڀ ڪان اهم سوال هي هوندو آهي تہ ڇا انهن جو نمائندو خود غرضي جو رويو اختيار ڪندو يا اميدوار کي ملندڙ فائدن مان ڪجھ حصو ووٽرن کي بہ ملندو.

**اصول 10: جيڪي ماڻهو پاڻ ڪاميابي جو فيصلو ڪندا آهن، انهن جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار رهو وفاداري جو صلو وفاداري سان ڏيو.**

گهڻا ووٽر شڪايت ڪندا آهن تہ انهن جو نمائندو چونڊجڻ ڪانپوءِ انهن جو فڪر نہ ڪندو آهي، هي ڳالهه پنهنجن ووٽرن کي متاثر ڪرڻ لاءِ توهان جي لاءِ آساني پيدا ڪندي آهي، غير معمولي ڪم ڪريو ووٽرن جي وچ ۾ رهو انهن جون ڳالهيون ٻڌو، چو تہ ووٽر سمجهندا آهن تہ سياستدان ٿيڻ مشڪل آهي ۽ سياستدان عوام جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ گهٽ فڪرمند هوندا آهن. انهي ڪري انهن سان رابطي ۾ وچ ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪريو انهن جي ڳالهہ توجهہ سان ٻڌڻ سان توهان پنهنجن سيني مخالفن جي مقابلي ۾ ممتاز ٿي ويندا، جيڪڏهن توهان جي حلقي ۾ ڪو واقعو ٿئي ٿو تہ توهان اتي پهچو ۽ موجودگي جو احساس ڏياريو ياد رکو جن ماڻهن توهان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي، انهن سان وڌ کان وڌ وفادار رهو، پنهنجي علم ۾ اضافو ڪريو ڪنهن هڪ سياسي شعبي ۾ مهارت هاصل ڪري، مثال مالي معاملا، انرجي يا دفاع وغيره، توهان کي ثابت ڪرڻو آهي تہ توهان ۾ اهڙيون صلاحيتون آهن، جن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي ۽ توهان جي جڳهہ ٻي کي ڏيڻ ممڪن ناهي.

**اصول 11: پنهنجو موقف پيش ڪرڻ لاءِ هر پليٽ فارم استعمال ڪري سگهجي ٿو انهي لاءِ توهان وٽ پنهنجو پيغام جو موجود هئڻ ضروري آهي.**

ماڻهن جو ڌيان خود توهان ڏانهن ڇڪجي نہ ايندو، سياست جو هڪ بنيادي سوال هي آهي تہ توهان پنهنجي موقف کي ڦهلائڻ لاءِ هر پليٽ فارم استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ پنهنجو مستقبل بهتر بڻائي سگهو ٿا. انهي لاءِ شرط اهو آهي تہ توهان وٽ ڪو پيغام هجي، توهان ڪا اهڙي ڳالهہ ڪريو جنهن جو تعلق ماڻهن سان هجي ۽ توهان کي توهان جي مخالف کان ممتاز ڪري بيهاري، موقوف کي اهڙي انداز سان پيش ڪريو جيئن اها ڳالهہ نئين ۽ دلچسپ محسوس ٿئي، ذهن ۾ رکو تہ صحافي پنهنجي اخبار جو پيٽ ڀرڻ چاهيندا آهن ۽ نيون خبرون حاصل ڪرڻ انهن لاءِ ڏکيو هوندو آهي، هڪڙو طريقو هي ٿي سگهي ٿو جتي واقعو پيش اچي، اتي توهان ڪوشش ڪري سڀ کان پهرين پهچو ۽ متاثرين جي مدد ڪريو انهي سان توهان کي نمايان حيثيت ملندي ۽ توهان جي باري ۾ مثبت تاثر قائم ٿيندو جي توهان جو متوقع ووٽر ڏسندو تہ توهان کي عوام جو واقعي فڪر آهي ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ پاڻ کي هڪ ذميوار سياستدان جي طرح پيش ڪريو.

**اصول 12: پئسو ئي سڀ ڪجهہ ناهي:**

ڪامياب سياستدان کي خبر هوندي آهي تہ گهٽ مالي وسيلن جو نعم البدل کهڙي شي ٿي سگهي ٿي ۽ هو پنهنجي مخالف جي تمام گهڻي مالي وسيلن کان معيوب نہ ٿيندو آهي، توهان جي مخالف وٽ تمام گهڻو پيسو ۽ ملڪيت آهي، ان جي مقابلي ۾ توهان وٽ بهترين خيال، قائل ڪرڻ وارو اثرائتو پيغام ۽ واضح حڪمت عملي توهان کي ڪامياب ڪري سگهي ٿي ۽ توهان پنهنجا ڪيترا اتحادي بہ پيدا ڪري سگهو ٿا، توهان انهن ماڻهن کي متحرڪ ڪريو، جن جا سياسي خيال توهان سان ملن ٿا ۽ انهن کي رضاڪاراڻہ طور پنهنجي ڪم ۾ شامل ڪريو، اهڙي طرح توهان پنهنجي مالي ڪمي کي نوجوانن جي وقت ۽ جوش جذبي سان پورو ڪري سگهو ٿا، جيڪڏهن توهان هي سمجهو ٿا تہ توهان جي مخالف کي حڪومت جي طرفان ناجائز طريقي سان فنڊ وغيره ملن پيا يا ڪي خاص ماڻهو هن کي پنهنجن مفادن جي پلي لاءِ پيسا ڏئي رهيا آهن تہ عوام کي انهن ڳالهين متعلق ٻڌايو، پنهنجي مخالف کي مالي وسيلا ظاهر ڪرڻ تي مجبور ڪريو ۽ ياد رکو توهان کي بہ ايئن ڪرڻو آهي.

## چونڊ وڙهڻ جا سبب

1. توهان ڪنهن عهدي لاءِ چو مقابلو ڪرڻ چاهيو ٿا، چونڊ جي ذريعي ملڻ واري ڪنهن عهدي جي لاءِ وڏ ڪان وڏ وقت لڳي سگهي ٿو ۽ انهي لاءِ گهڻو ڪم بہ ڪرڻو پوي ٿو، ڇا توهان غور سان سوچيو آهي تہ توهان اليڪشن ڇو ٿا وڙهڻ چاهيو؟ ڪنهن امڪاني اميدوار کان توهان هي سوال پڇو.

- ڇا توهان مڪمل طور تي تيار آهيو؟
- ڇا توهان جو خاندان بہ ان لاءِ تيار آهي؟
- انهي جو توهان جي ذاتي پروفيشن تي ڪهڙو اثر پوندو؟

2. توهان جا مالي وسيلا ڪهڙا آهن؟

- چونڊن تي وڏو خرچ ايندو آهي، مطلب چونڊون وڙهڻ مهانگيون آهن.
- ڇا توهان وٽ وڙهڻ لاءِ مالي ۽ ٻيا وسيلا ڪيتري تعداد ۾ موجود آهن؟
- ڇا توهان چونڊ تي خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ مالي وسيلا حاصل ڪري سگهو ٿا يا موجود ڪري سگهو ٿا.
- ڇا توهان وٽ سياست ڪانسواءِ ٻيا آزاد رستا موجود آهن.

3. توهان جي مهم جا مسئلا ڪهڙا آهن؟

- ڇا توهان وٽ مهم هلائڻ لاءِ واضح مسئلا موجود آهن، جيڪي ووٽرن جي لاءِ اهم هجن؟

- ڇا توهان جي مهم ڪميونٽي جي ضرورت مطابق ڪنهن مرڪزي خيال تي آهي؟

4. توهان کي پنهنجي ڪميونٽي ۾ ڪهڙي سطح تائين حمايت حآصل آهي؟

- ڇا توهان کي سٺي طرح سڃاتو وڃي ٿو ۽ توهان کي حمايت حاصل آهي؟
- ڇا توهان پنهنجي حمايت جي سطح جي نشاندهي ڪري سگهو ٿا؟

5. توهان جا اتحادي ڪهڙا آهن؟

- ڇا توهان پنهنجن اتحادين جي نشاندهي ڪئي آهي؟
- ڇا اهي توهان جي مهم هلائڻ واري ٽيم جو حصو بڻجڻ لاءِ تيار آهن؟
- ڇا اهي توهان جي مهم لاءِ مالي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟
- ڇا هو توهان جي مهم جي حمايت لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

6. اهم مسئلن جي باري ۾ توهان جي مخالف جو ڪهڙو موقف آهي؟

- ڇا توهان پنهنجي موقف جو پنهنجي مخالف جي موقف جو موازنو ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪئي آهي؟
- ڇا توهان اهڙن معاملن جي نشاندهي ڪئي آهي، جن تي وڌيڪ ڪم ڪري توهان حمايت حاصل ڪري سگهو ٿا؟

7. مهم جي مرحلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪهڙو طريقيڪار آهي؟

- ڇا توهان کي خبر آهي تہ هڪ اميدوار بڻجڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻڻا پوندا ٿا؟
- توهان جنهن علائقي ۾ اليڪشن وڙهو پيا انهي جو جائزو وٺو.
- توهان جي حلقي جون ڪمزوريون ڪهڙيون آهن ۽ مثبت پاسا ڪهڙا آهن؟
- گذريل چونڊن جا تفصيل ڪنهن کي ڪيترا ڪيترا ووٽ ۽ ڪٿان ڪٿان مليا.
- گهٽ فيصد ووٽ پيا.
- انهي جڳهہ لاءِ حڪومت عملي ناهيو جتي پارٽي ڪمزور آهي.
- ڪمزور جڳهہ تي گهر گهر وڃي قائل ڪريو.
- مقامي پريس يا پارليامينٽ جي اندر انهن مسئلن تي ڳالهايو جن متعلق توهان جي حلقي ۾ پريشاني لاحق هجي.

## مهم جي بجيٽ

هيٺ ڏنل فهرست ۾ اهڙيون شيون شامل آهن، جن تي غور ڪري سگهجي ٿو.

مهم جي بجيٽ لاءِ گهربل شيون

- مهم لاءِ آفيس، ڪرايو فون، بجلي، آفيس جو فرنيچر، ڪمپيوٽر، پرنٽر ۽ ٻيو سامان.
- اسٽيشنري ۽ ٽپال جو خرچ.
- بينر ۽ ٻي ڇپائي ۽ فوٽو ڪاپي جو ڪم.

- موبائيل فون.
- ٽرانسپورٽ جو خرچ
- ڏورانهن واري علائقن ۾ جيڪڏهن سفر ضروري هجي ته.
- اسٽيج، پليٽ فارم، مائيڪرو فون، خصوصي گڏجاڻيون ۽ ٻيو خرچ.
- مشهوري لاءِ گهربل اسٽيج، پوسٽر وغيره.
- ايندڙن ويندڙن لاءِ چانهه بسڪيٽ
- اليڪشن جي ڏينهن خرچ جنهن ۾ ڪاڏو ۽ ٽرانسپورٽ وغيره به شامل آهي.

## فنڊ گڏ ڪرڻ جا عام اصول

- پيسو جمع ڪرڻ لاءِ پيسا خرچ ڪرڻا پون ٿا.
- توهان ايترا پيسا جمع ڪري سگهو ٿا، جيترو توهان جمع ڪرڻ تي وقت ڏنو آهي.
- توهان امداد وٺڻ وارن جي باري ۾ پهريان تياري ڪريو.
- توهان جي طرفان ويندڙ هر خط ۾ چندي جو هڪڙو لفافو به ضرور موڪليو.
- ڪوبه توهان کي پيسا ڏيڻ نه چاهيندو پر هو ڪنهن مقصد يا انهي ڪم ۾ مدد ڪندا جيڪو توهان انهن لاءِ ڪيو آهي.
- فنڊ گڏ ڪرڻ جا مقصد طئي ڪريو.
- جيڪڏهن ڪنهن ڪو چندو ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي ته اها رقم جلد وٺو ۽ واعدي کي گهٽ ۾ گهٽ پراڻو ٿيڻ نه ڏيو.
- فنڊ گڏ ڪرڻ کي روز مره جي ڪمن ۾ آخر ۾ نه رکو.
- توهان جتي به پارٽي ڪم لاءِ وڃو اتي چندي جي ڳالهه ضرور رکو.
- اٺرائتي طريقي سان فنڊ گڏ ڪرڻ سکو.
- فنڊ ڏيڻ وارن جو شڪريو ادا ڪريو.

# سياسي ڪارڪنن جي حقن بابت

اسان قدر ڪريون ٿا، سياسي ڪارڪنن جي بي لوث قربانين ۽ جدوجهدن جي جيڪي مختلف نظريا ۽ طور طريقا رکن ٿا، انهن پنهنجي مرضي سان سياست جو مشڪل ۽ سخت رستو چونڊيو جيڪو انتهائي ڏکيو صبر آزما ۽ چئلينجن سان ڀريل آهي، جنهن جو اندازو اهي ڪري سگهن ٿا، جن جو تعلق عملي سياست سان آهي يا انهي سان وابسته آهن.

اسان سياسي ڪارڪنن جي تاريخ ساز خدمتن تي انهن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا ۽ هي ڳالهه تسليم ٿا ڪريون ته سياسي پارٽين کان علاوه شايد هي ڪنهن ٻي اداري جي ڪارڪنن ايتريون گرفتاريون، قيد و بند، تشدد، خوف ۽ ڊپ جو منهن مقابلو ڪرڻو پيو هوندو، انهن پنهنجي خاندان ۽ ذات فائدي ۽ ڀلي کي سياست تي قربان ڪري ڇڏيو ۽ ڪن حالتن ۾ صورتن ۾ پنهنجي پارٽي جي ڀلائي لاءِ پنهنجون زندگيون قربان ڪري ڇڏيون.

هي اسان جو خواب آهي ته سياست مان تشدد جو رجحان هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي ته جيئن معاشري ۾ حقيقي معنيٰ ۾ برداشت جو ڪلچر پيدا ٿي سگهي.

هي به اسان جو خواب آهي ته سرڪاري ملازم پنهنجي سياسي وفادارين کان بالاتر ٿي هر قسم جي سياسي مداخلت کانسواءِ پنهنجو ڪم صحيح طريقي سان ڪري سگهن، حيراني جي ڳالهه آهي ته جيڪي سياسي ڪارڪن پنهنجي پارٽي کي اقتدار تائين پهچائڻ لاءِ وڏيون وڏيون قربانيون ڏين ٿا، موٽ ۾ اهي ئي وري پنهنجي ئي حڪومت ۾ ظلم، تشدد ۽ قيد ۾ اچن ٿا، جماعت جا اڳواڻ انهن ماڻهن کي اڳتي آڻين ٿا، جن وٽ پيسو ۽ ويجها تعلق ٿين ٿا، جڏهن ته مخلص ۽ وفادار ڪارڪنن جي حوصلا شڪني ٿي ويندي آهي.

هي انتهائي افسوسناڪ آهي ته سياسي پارٽين ۾ پاليسين ۽ ليبر سان اختلاف رائي جي ڪلچر کي هٿي ڏيڻ بجاءِ دٻايو ويو آهي، جڏهن ته سياسي ڪارڪن کو موقف اختيار ڪري يا سوال ڪري پارٽي جي پاليسي متعلق يا اڳواڻن متعلق سوال ڪري جيڪو هن جو سياسي حق آهي ته انهي کي پارٽي مان ڪڍيو وڃي ٿو.

پاڪستان جون سياسي پارٽيون اڪثر پنهنجن ڪارڪنن ۽ انهن جي خاندانن کي نظر انداز ڪنديون آهن، خاص طور تي تڏهن جڏهن هو بيمار يا مري وڃن ٿا، پارٽي اڪثر ان جي يا ان جي خاندان جي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي ۽ ڪارڪنن جي خاندانن کي ڏکين معاشي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏيندي آهي، اهڙين حالتن جي روشني ۾ ۽ سرڪاري سماجي ڍانچو جنهن سان ماڻهن جي مدد ئي ڪري سگهجي، نه ٿيڻ جي صورت ۾ اسان سياسي ڪارڪن هي مطالبا ڪريون ٿا ته .

i. سياسي پارٽين جا اڳواڻ ۽ حڪومت پنهنجن لفظن ۽ عملن ۾ سياسي ڪارڪنن ۽ انهن جي قربانين کي ياد رکي انهن جي تعريف ڪن.

ii. هر هڪ سياسي پارٽي هڪڙو ڪتاب ڇاپي، جنهن ۾ پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين سڀني سياسي ڪارڪنن جي قربانين تي لکيو وڃي.

iii. اسلام آباد ۾ پاڪستان جو آئين 1973ع ۾ پاس ٿيو هو گادي جي هنڌ هڪ يادگار ٺاهي وڃي، جنهن تي مختلف سياسي پارٽين جي ڪارڪنن جا نالا لکيا وڃن.

iv. سياسي ڪارڪن پارٽي جي اندر اختلاف رکڻ جو حق رکن ٿا ۽ انهن کي بغير ڪنهن سبب جي نشانو بڻايو وڃي ٿو خاص طور تي پارٽي متعلق سوال ڪرڻ تي ڇو ته اهو هن جو جمهوري حق آهي.

v. رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ جمهوري ۽ معاشي معاهدي جو تقاضو آهي ته سياسي ڪارڪنن کي تشدد جو نشانو نه بڻايو وڃي، اهو ڪنهن به سرڪار يا اداري يا ان جي عهديدارن جي طرفان يا ڪنهن ٻي سياسي پارٽي جي ڪارڪنن طرفان به نه ٿيڻ گهرجي.

vi. هڪ مناسب ۽ شفاف ۽ احتسابي سسٽم ٺاهيو وڃي، جنهن مان ماڻهو پنهنجن سياسي وفادارين کان بالاتر ٿي برابري جي بنياد تي نوڪريون حاصل ڪري سگهن، سياسي وفاداري کي ڪنهن جي نوڪري جي قابليت نه سمجهيو وڃي.

vii. سياسي ڪارڪن پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال نه ڪن، خاص طور تي جڏهن هنن جي پارٽي جي حڪومت اچي.

viii. سياسي پارٽين جا عهديدار ۽ حڪومتي اهلڪار سياسي ڪارڪن کي عزت جي نگاهه سان ڏسن.

ix. سڀني سياسي پارٽين جا اڳواڻ، سياسي پارٽين جي تربيت ڪن ته هو سڀ سياسي پارٽيون ڪارڪنن جي وچ ۾ امن امان، برداشت ۽ جمهوري ماحول پيدا ڪن ته جيئن مضبوط سياسي ڪلچر کي هٿي ڏئي سگهجي، هي اڳواڻن جي ذميواري آهي ته هو مضبوط سياسي روايتن کي هٿي ڏين.

x. سڀني سياسي ڪارڪنن کي هي حق حاصل هجي ته هو پڙهي سگهن، مسئلن تي بحث ڪري سگهن، تقرير ڪري سگهن ۽ سوال ڪري سگهن، سڀني پارٽين ۽ سياسي نظرين تي ڪنهن به قسم جي شخصي يا اداري جو دٻاءُ نه هجڻ گهرجي.

xi. سياسي ڪارڪنن کي پارٽي جي فيصلن ۾ شامل ڪيو وڃي.

xii. سياسي اڳواڻن کي پارٽي تي يا اڳواڻن تي ڪارڪن جي تنقيد جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ڇو ته هي ئي اصل طريقو آهي ته سڀني حقيقي پارٽين ۾ پارٽي جي اڳواڻن کي اصولي اختلاف کي پارٽي سان غداري تصور نه ڪيو وڃي.

xiii. سياسي پارٽي تبديل ڪرڻ سياسي ڪارڪنن جو بنيادي جمهوري ۽ نظرياتي حق آهي ته اهڙا سياسي ڪارڪن جيڪي ايئن ڪن ٿا انهن جي ڪردار ڪشي نه ٿيڻ گهرجي.

xiv. سيئي سياسي ڪارڪن هي حق رکن ٿا تہ انهن جي نقط نظر يا اختلاف راءِ کي اڳواڻ ٻڌن. سياسي پارٽين جي هي ذميواري آهي تہ اهي انهن سياسي ڪارڪنن کي ٻڌڻ ڪانپوءِ مثبت انداز ۾ تنقيد ۽ سوالن جا جواب ڏين.

xv. سيني سياسي پارٽين جي هي ذميواري آهي تہ هو ان ڳالھ جو خيال رکن تہ ڪوبہ سياسي ڪارڪن پارٽي جو ڪارڪن هئڻ جي سبب مالي مشڪلاتن جو شڪار نہ ٿئي.

xvi. سياسي پارٽيون پنهنجن ڪارڪنن جي لاءِ مستقل بنيادن تي تربيت جو بندوبست ڪن ۽ پنهنجن اڪيڊمين ناهڻ تي غور ڪن. جتي هو سياسي تربيت ڪري سگهن. سياسي پارٽين وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو تربيت ڪندڙ پڙهيل لکيل عهديدار هجي، جيڪو سڄي ملڪ ۾ سياسي ڪارڪنن جي تربيت، تنظيم ۽ ان جي لاءِ ٻيا ضروري انتظام ڪرڻ جو ذميوار هجي.

xvii. سيئي سياسي پارٽيون پنهنجي يوم تاسيس تي سياسي ڪارڪنن جن پنهنجن ذميوارين کان وڌي ڪري ڪم ڪيو هجي، حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ انعام ڏين.

xviii. ملڪ جا سڀ اهي قانون جيڪي سياسي ڪارڪنن کي دٻائڻ يا انهن جي شهري حقن ۾ مداخلت ڪن ٿا انهن تي فوري غور ڪري تبديل ڪيو وڃي.

xix. حڪومت پاڪستان فورن بين الاقوامي ڪنوينشن براءِ سياسي ۽ شهري حقن کي صحيح ڪري ۽ انهي جي نفاذ جو بندوبست ڪري، ايئن ڪرڻ سان پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ڪلچر جي واڌاري ۾ مدد ملندي.

xx. سياسي پارٽيون لازمي طور تي پاليسيون ۽ قانون واضح ڪن تہ سيئي سياسي ڪارڪن پنهنجي پارٽي ۾ اڳواڻ ٻڄڻ جي لاءِ برابري جي بنياد تي حق حاصل ڪري سگهندا. سيئي پارٽيون اهڙا قدم کڻن جن جي سياسي ڪارڪنن سيئي چونڊن ۾ اميدوار ٻڄڻ جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ انهن کي ترجيحي بنيادن تي ٽڪيٽ ۽ چونڊ وڙهڻ جي لاءِ فنڊ ڏنا وڃن.

نوٽ: هي اعلان نامون سيني سياسي ڪارڪنن ۽ پارٽين ۾ بحث جي لاءِ ناهيو ويو آهي تہ جيئن سياسي ڪارڪنن جي حقن کي تحفظ ڏئي سگهجي. مصنف کي اميد آهي تہ هڪ حتمي مسودو سيني سياسي پارٽين جي اڳواڻن کي ڏنو وڃي، جيڪو انهن جي مدد ۽ حوصلا افزائي ڪانپوءِ انهن جي پارٽي پاليسي ۽ بهتر جمهوري طريقن جو حصو ٻڄي سگهي.

**نيشنل ڊيموڪريٽڪ انسٽيٽيوٽ فار انٽرنيشنل افيئرز (اين ڊي آءِ) جي ٿورن سان**

# پنهنجي سوچ رويي ۽ ڪم جي ڍنگ ۾ سڌارا آڻيو

**(عوامي تحريڪ جي سربراهه محترم رسول بخش پليجي پاران 1986ع ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جي رهنمائي، اصلاح ۽ تربيت لاءِ لکيل هدايت نامو)**

## هدايت نامو

اسان جي تحريڪ جي ميمبرن ۾ ڪيترين ئي ڪوتاهين ۽ ڪيترا غلط لاڙا پيدا ٿي چڪا آهن . جن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. تحريڪ ، سمورن ميمبرن کي انهن ڪوتاهين ۽ غلط لاڙن کي دور ڪرڻ جي جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺي ان سڌاري جي تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ جو سڏ ڏئي ٿي ۽ اهڙي هدايت ڪري ٿي.

## ”تحريڪ ۾ ڪي ڪوتاهيون ۽ غلط لاڙا“

اسان جي تحريڪ ڪِيئَ مان ڪِي ٿي آهي. اها جيڪي نہ ٿي ڄاڻي تنهن جو ايمانداري سان اعتراف ڪري ٿي ۽ اهو سکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ان جيڪو سکيو آهي ان ۾ پڙ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ان سنيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. پر ان کي اڃان بي انداز ڳالهيون سکڻيون ۽ ڪرڻيون آهن. ان جي بنيادي لائين صحيح آهي. اها واڌاري ۽ ڪاميابي لاءِ گهربل سمورين ڳالهين بابت با خبر آهي. ان جي باوجود اها اڃا انهيءَ سيني گهربل ڳالهين جو انتظام ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ آئي آهي. اهو سلسلو جاري رهندو. هڪڙيون ڳالهيون حل ٿينديون تہ ٻين جي کوٽ محسوس ٿيندي.

هڪڙن مسئلن جو حل ٻين مسئلن کي جنم ڏيندو. ٻين جو ٿين کي ۽ ٽين جو چوٿن کي جنم ڏيندو. ائين اهو اڻ کٽ سلسلو هلندو رهندو ۽ اسان جو قافلو ڏاڪي بہ ڏاڪي، لاهين، چاڙهين ۽ ورن وڪڙن سان نت نيون منزلون سر ڪندو اڳتي هلندو رهندو. اسان جي ڪن ميمبرن کي اها مکيہ ڳالهہ ذهن ۾ نہ ٿي رهي تہ اسان جي تحريڪ بنيادي طرح ڪوتاهين جي پيٽ ۾ ڪاميابيون وڏيڪ حاصل ڪيون آهن ۽ مکيہ ڳالهہ بہ اها آهي . هو فقط اها ٻئي درجي جي ۽ هيناهين ڳالهہ محسوس ڪن ٿا تہ اسان جي تحريڪ ۾ ڪي کوٽون ۽ ڪي ڪوتاهيون بہ آهن. پنهنجي تحريڪ پنهنجي عوام ۽ پنهنجي انقلابي جدوجهد ۾ پختو ويساهہ اسان جي ايمان جو بنياد آهي. ان جي ابتڙ اسان جا ڪي نوان ۽ نا تجربيڪار ميمبر ڪي ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون ڏسي تحريڪ بابت غلط سوچ جو شڪار ٿين ٿا ۽ تحريڪ ۽ ان جي ساٿين بابت هلڪيون ۽ مٺاڇري نموني جون ڳالهيون ڪن ٿا. تحريڪ پاڻ تي تنقيد ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿي. هر ميمبر کي تحريڪ جي

ڪنهن بہ فرد ، اداري يا سچي تحريڪ تي با اصول تنقيد جو حق حاصل آهي. پر انهن بابت غير ذميواري سان هلڪڙائي واريون ڳالهيون ڪرڻ جو ۽ انهن جي آڙ ۾ ان جي حڪمن مڃڻ کان نتائڻ جو حق ڪنهن بہ ميمبر يا اداري کي ڪونهي.

2۔گھڻو وقت مخالفن جا وار فقط برداشت ڪندو رهڻ جي ڪري ۽ ساڻن منهن ڏيڻ جي پوزيشن ۾ نہ هئڻ ڪري اسان ۾ جيڪو بهادريءَ، سورهيائيءَ، قربانيءَ ۽ سر فروشيءَ جو گڻ آهي، تنهن جي اظهار ڪرڻ جو اسان کي ڀرپور موقعو نہ ملي سگھيو آهي. اسان اهو فقط جيل ۾ وڃڻ ۽ اتي مڙسي سان رهڻ، دشمن جي حملي کي برداشت ڪرڻ ۽ ڌڪي نہ پوڻ جي حد تائين ڪتب آندو آهي پر دشمن جي جسماني حملي جي جواب ۾ جوابي جسماني حملو ڪرڻ اسان نہ سِکي سگھيا آهيون ۽ نہ اهڙي پوزيشن ۾ اچي سگھيا آهيون. ان ڪري آهستي آهستي اسان ۾ جسماني بهادريءَ ، دليريءَ ۽ سرفروشيءَ جا ڏڀيل جذبا ويتر ڏبجي ماٺا ٿي ويا آهن. اسان مان ڪن جي دليريءَ تي جسماني خوف جا پاڇا پوڻ لڳا آهن. اها ڳالهہ اسان کي بزدلي جي ڏٻڻ ۾ غرق ڪري سگھي ٿي . بهادري ، قرباني ۽ سر فروشي کان سواءِ ٻيا سمورا گُڻ بيڪار ٿي پون ٿا. اسين دنيا جي تاريخ ۾ ڏسون ٿا تہ جيڪي ماڻهو سڀ کان نيڪ، سڀ کان وڌيڪ قربدار ۽ محبتي ماڻهو هئا ۽ وڏي ۾ وڏا دانشور ، مفڪر ، ڏاها ۽ اڪابر هئا، تن مان انسان ذات گھڻي ڀاڱي انهن کي پنهنجو مثال ڪري ورتو جيڪي ساڳي وقت جسماني طرح بہ دلير، سرويچ ، سر فروش ۽لکن جي آڏو نہ لڏڻ وارا هئا. ڇو تہ عوام عام طرح سڀ کان پهريائين ماڻهو جي بهادري کان متاثر ٿئي ٿو. پوءِ ٻين گُڻن کان داناءَ سقراط مرڪندي زهر جو وٽو پيتو. نماڻي ۽ نهڻي عيسيٰ پنهنجي صليب پاڻ پنهنجي ڪُلهي تي کڻي، سوريءَ تي پاڻ لٽڪرايو ماڻهن جا پٿر سهندي، عبادت ڪندي، سر نمائيندي ، اُٺ جي اوجهريءَ هيٺيان ڪنڌ ڪري ڪِري پوندڙ ، گاريون گند ۽ حملا سهندڙ محمد صہ ، ميدان جنگ ۾ ببر شير وانگر پاڻ کان پنجا هوڻي قوتن سان ٽڪرائيندو رهيو ۽ سوڀارو ٿيندو رهيو. گانڌي خالي هٿئين ماٺ منيءَ ۾ گوري سرڪار جا ڏندا کائيندو رت ڳاڙهيندو لتاڙبو پر سدائين سورهيائي سان اڳتي وڌندو رهيو. اسان جي انقلابي استادن ٻين سوين ڪمالن سان گڏ هر وقت جسماني موت سان اکيون اکين ۾ ملائي ظلم جي قوتن سان ويڙهون بہ ڪيون .پر اڄ بہ اسان جي سامهون دنيا جا سوين هزارين لکين ماڻهو پاڻ کان هزارين دفعا وڌيڪ قوتن سان جسماني طرح مهاڏو اٽڪايو ويٺا آهن. ڪيترا ننڍا ۽ وڏا ، ٻار ۽ ٻُڍا، مرد ۽ عورتون پنهنجي پارٽين جي حڪمن جي پوئواري ڪندي سون هزارن جي تعداد ۾ موت جو ٻک ٿيندا وڃن ٿا ۽ شهادت ماڻيندا وڃن ٿا. ۽ ٻيا انهن کان بہ گھڻا انهن جون جايون والاريندا وڃن ٿا. ويٽنام

جون سڪون لبنان جون اهي بهادر عورتون ، ٻار ۽ ٻُڍا پيا لاهين، جيڪي بارود سان پريل گاڏيون ڪاهيو دشمن جي قلعن سان ٽڪرايو پاڻ بہ شهادت جو جام پيئن ٿا ۽ دشمن جا مورچا بہ تباهہ ڪري ڇڏين ٿا. اسان جي لطيف سائِين جي نظر ۾ نامور سورمين جو مکيہ گُڻ بہ سندن دليري ۽ بهادري آهي.

**سهسين سائر ٻوڙيون، مُنڌَ ٻوڙيو مهراڻ،**
**اڳيان ٽڪر ٽر متان روهہ رتيون ٿئين.**

-

**جي لوڙ لڱين لائين ڇيري ڇيري ڇم،**
**مون ڪُرَ اڳ نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،**
**جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوارن سين**

اسان جي تحريڪ جي هر ميمبر ۽ هر دوست کي پاڻ ۾ ، پنهنجي دوستن ۾ ۽ پنهنجي عوام ۾ جسماني بهادريءَ ، دليريءَ ۽ قرباني جا گُڻ پيدا ڪرڻ گهرجن. اسان کي پنهنجن سان نهٺو ۽ نماڻو ٿي هلڻ کپي پر دشمن سان ويڙه جي موقعي مهل تي بي خوفي ، دليري، جرت، سورهيائي ۽ سر فروشي جي جذبي سان ٿمتار ٿي پيش اچڻ گهرجي ۽ ڪائنئن هر گز مرعوب نہ ٿيڻ گهرجي. مجموعي طرح ۽ ڊگهي عرصي جي خيال کا انهن دشمنن کي تڇ ۽ حقير سمجهڻ گهرجي . جڏهن بہ اسان تي جسماني ويڙه مڙهي وڃي تہ ان لاءِ اسان کي اَٿ ئي پهر ذهني ۽ جسماني طرح تيار رهڻ کپي ۽ جيڪي بہ گُڻ ، ڏانو حرفتون ۽ دليريون ويڙه لاءِ گهربل آهن. تن جو مالڪ ٿيڻ کپي. اسان جو هڪڙو هڪڙو ماڻهو پنجاهہ دشمنن سان وڙهي سوڀ ماڻڻ لاءِ تيار رهڻ کپي. جسماني بزدلي جي هر لاڙي کي ڪچلي ختم ڪري ڇڏڻ کپي ۽ تحريڪ جي اڳواڻي هيٺ هر جسماني اڱرائي ڪندڙ جون ڏاڪي بہ ڏاڪي وايون بتال ڪري ڇڏڻ کپن. جسماني سورهيائي، سرفروشي ۽ قرباني جي باري ۾ گڏجاڻين ، مذاڪرن ، ذاتي ڪچهرين ۽ ٻين طريقن سان پرچار ڪجي ۽ ان بابت مضبوط ۽ اٽل جذبو پيدا ڪجي، اپارجي ۽ چوٽ چاڙهجي . اسان جا جيڪي دوست جسماني سورهيائي جا ڪارناما ڪن انهن جي انهن ڪارنامن کي هنڌ هنڌ مشهور ڪجي ۽ انهن جي تعريف ڪجي ۽ ٻين کي تلقين ڪجي تہ اهي انهن جي نقش قدم تي هلي بلڪ ڪائنئن اڳتي وڌي جسماني سورهيائي جي بلندين تي رسن، ان لاءِ گهربل علم ۽ ترتيب حاصل ڪن. ٻين ڳالهين سان گڏ اسان کي رانديون رونديون ۽ ورزشون وغيره ڪرڻ کپن ۽ انهن جي همت افزائي ڪرڻ کپي، جهنگلن ، رڻن ، پٽن ۽ اڻ ڏٺل علائقن ۾ آڏي مانجهي گهمڻ ڦرڻ جي آزمائش ڪرڻ کپي ۽ خوف جهڙن هنڌن ۽ حالتن وچان ڇيري رستو ناهي اڳتي وڌڻ جا تجربا ڪرڻ کپن.

3 –ڇر پر ۽ تبديلي فطرت جو اٽل قانون آهي، ڪائنات جي هر ڳالهہ ، هر شيءَ ۽ هر حالت سدائين ڇر پر ۽ تبديلي ۾ رهي ٿي. ڪجهہ ڇرپُرون ۽ تبديليون ، وسهڻ ۾ نہ ايندڙ تيزي سان ٿين ٿيون. تہ ڪي سمجهہ کان ٻاهر ڍرائي ۽ آهستگي سان

بلڪل اڻ لکي نموني انهن ٻنهي قسمن جون تبديليون هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿيون، هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿيون ۽ هڪ ٻئي ۾ سمايل آهن. ڪن ڳالهين ۾ تبديليون جونءَ جي رفتار سان تمام گهڻو آهستي آهستي عمل ۾ ايندڙيون آهن ۽ اڻ لکي نموني اڳتي وڌنديون رهن ٿيون . هڪ مخصوص ڏاڪي تي پهچي اهي هڪدم پڙڪو کائي وڃ جهڙي تيزي اختيار ڪن ٿيون ۽ ڏسندڙن جون اکيون انهن جي تجلي جو تاب جهلي ڪو نہ سگهنديون آهن. اڪثر ماڻهو سمجهندا آهن تہ اها تبديلي اوچتي ازغيبي ٿي وئي آهي. پر ائين نہ هوندو آهي. اهي اوچتيون بظاهر ازغيبي، بي سبب ، اتفاقي ، ڀڪندڙ ۽ جڳمڳائيندڙ تبديليون در حقيقت پنهنجي هڪڙي تاريخ رکنديون آهن ۽ هڪ ڊگهي عرصي جي اڻ لکي، گمنام ۽ ڪنهن حساب ۾ نہ ايندڙ ، تمام سست رفتار واريون نهايت معمولي ۽ خسيس تبديلين جي هڪڙي تمام ڊگهي سلسلي جي عروج جو نقطو هونديون آهن. ان معمولي سست ۽ ڊگهي تبديلين جي سلسلي کان سواءِ اهي آخري نهايت تيز، شاندار، ڀڪندڙ ۽ جڳ مڳ ڪري جرڪندڙ عاليشان تبديليون هر گز پيدا ٿي ڪو نہ سگهن ها.

اسان مان ڪي ميمبر روز مره جا معمولي روز روز ساڳيا ۽ ظاهري طرح خسيس ڪم ڪندي اڪثر ائين سوچڻ لڳن ٿا تہ " ڀلا انهن معمولي ، خسيس ۽ روز روز ساڳين ڪمن مان ڇا ورندو؟ اهڙيءَ ريت ساڳي ساڳي ڳالهہ کي وري وري ڪرڻ مان ۽ چاڪيءَ جي اُٺ وانگر گهاٽي جي چوڌاري ڦرڻ مان، ڀلا ڇا هٿ حاصل ٿيندو "؟ ائين سوچيندي سوچيندي اسان مان ڪن ميمبرن جو شوق ۽ پنهنجي انقلابي ڪم ۾ ايمان بيمار ٿيو پوي ۽ پوءِ موريو شرما شرمي ۾ ، پنهنجي ڳالهہ رکڻ لاءِ ۽ هڪٻئي اڳيان گهٽتائي مان بچڻ لاءِ ٺلهو هينئين جي زور تي ، ان ظاهري گهاٽي ۾ ڦرندا رهن ٿا. تان جو نيٺ ڪنهن ڏينهن اهي صفا ڪڪ ۽ بيزار ٿيو پون ۽ ذهني ۽ جذباتي طرح ڦَان ٿيو ڪِريو پون. اهو ڳالهہ جو هڪڙو پاسو آهي. ٻئي طرف اسين پنهنجا ننڍا وڏا ڪم ڪندي ، وچ وچ ۾ شاندار ڪاميابيون حاصل ڪريو وٺون ٿا ۽ اهڙين جڳهين ۽ منزلن تي رسيو وڃون ٿا جو اسان پاڻ کي اهڙيون سوڀون ماڻيندو ڏسي حيرت ۾ پئجيو وڃون ۽ سوچيون ٿا تہ " اسان ڪهڙا نہ ڀاڳن وارا آهيون جو هھڙيون ڪاميابيون جڻ پاڻمرادو اچي اسان جي هنج ۾ ڪِري پيون آهن نہ تہ ڪٿي اسان ۽ ڪٿي هھڙيون ڪاميابيون". اسان اڪثر اهو نہ ٿا سمجهي سگهون تہ اهي شاندار ۽ عاليشان سوڀون اتفاقي ۽ ازغيبي هرگز ناهن ، اهي رڳو ڀلن ڀاڳن جو نتيجو ناهن، اهو ڪاميابي جو تلاءُ اوچتو هڪڙئي سٽ سان ڪو نہ ڀريو آهي. پر ڦڙو ڦڙو ٿي گڏ ٿيو آهي. اهي گهڻي ڀاڱي نتيجو آهن انهن ڪک ڪندڙ ، ننڍڙين، ساڳين ساڳين

ڳالهين ۾ ڪمن جو جيڪي اسين گهاٽي جي اُنن ۾ انقلاب جي فرمانبردار ڍڳن وانگر ، بنا ڪنهن ظاهري فوري نتيجي ، اجوري ۾ ڦل جي ، خاموشيءَ سان سالن جا سال ڪندا رهيا آهيون. جڏهن بہ اسان جو ڪو نمائيندو ميمبر ڪنهن اعليٰ محفل ۾ مٿاهين عزت جي جڳهہ تي وڏي شان سان ويٺل نظر اچي، تڏهن ان دوست کي توڙي اسان جي سمورن ساٿين ۾ دوستن ۾ اسان سان لاڳاپيل عوام کي اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ سمجهائڻ کپي تہ ان جڳهہ تي ظاهري طرح تہ اسان جو هڪڙو دوست ويٺو آهي پر حقيقت ۾ اتي اسان سمورن جا ڪيئي سالن ۾ ڪيل ننڍڙا ، ظاهري طرح خسيس ، بور ڪندڙ، بظاهر ڪنهن نہ ڪم جا ، روز روز ساڳيا عمل ، ڦڙو ڦڙو ٿي گڏ ٿي، اسان جي ان دوست جو روپ وٺي اها عزت ۾ اهو مان شان ماڻي رهيا آهن.

4۔اسان جي سموري قوت جو سرچشمو عوام آهي ان ڪري اسان جي دشمن جي اها ڪوشش رهي ٿي تہ اسين سدائين عوام کان ڪٽيل رهون. ان ۾ هو ڪافي حد تائين ڪاميابي حاصل ڪري سگهيا آهن. عوام سان گهٽي لاڳيتي ۾ وسيع لاڳاپي نہ هجڻ سبب اسان عوام جي سوچ، سمجهہ ۾ سندن سماجي ۾ سياسي لاڙن کان ايتري قدر با خبر نہ ٿا رهون جيترو اسان کي هئڻ گهرجي. اسان جا ڪيترائي دوست اها ڄاڻ تجربو ۾ سمجهہ پرائي ڪو نہ سگهيا آهن جو ساٿن ڪيئن ڳالهائجي؟ ڪانئن ڪيئن سکجي؟ ۾ ڪين ڪيئن سيکارجي؟ ۾ ڪيئن سجاڳ ، متحد ۾ منظم ڪري عمل جي ميدان ۾ آڻجي؟ وسيع عوام کان الڳ ٿلڳ هجڻ ڪري اسان ۾ فقط پنهنجي اڪيتي وڏيل اداري جي حلقي اندر ئي ڳالهہ ٻولهہ ۾ چر پر ڪندو رهڻ جي عادت پئجي ويئي آهي. اسان جي اڪثر دوستن جي تحت الشعور ۾ اها غلط سوچ پيدا ٿي آهي تہ اسين عوام کان مٿانهان آهيون. پنهنجي چر پر پنهنجي مٿيري ڄاڻ ، سمجهہ ، لياقت ، جدوجهد جي تجربي جاکوڙ ۾ قربانين جي ڪري هو پاڻ ۾ هڪڙي انقلابي وڏيرپ جو احساس پيدا ڪري چڪا آهن.هو پاڻ کي عوام کان مٿي ۾ الڳ چونڊ ۾ خاص ماڻهو سمجهڻ لڳا آهن . ڪين اها خبرئي ڪانهي تہ پورهيت عوام سان ڪيئن ڳالهائجي ۾ انهن جي دلين ۾ جايون پيدا ڪيئن ڪجن. اسان ۾ عوام جي پڙهيل ڳڙهيل طبقن ، آبادگارن ، واپارين، خوشحال ۾ دانشور طبقن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ، اسان جي باري ۾ سندن خيالن کي بهتر بنائڻ ، ساٿن باهمي فاعدي جا لاڳاپا پيدا ڪرڻ ۾ اهڙي طرح عوام جو وسيع اتحاد پيدا ڪرڻ ۾ انهن جي اڳواٽي ڪرڻ جون صلاحيتون اڃا گهربل حد تائين پيدا ٿي نہ سگهيون آهن .اسان جو نوي سيڪڙو وقت رڳو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ۾ پنهنجي مخصوص حلقي اندر رهڻ ۾ ڪم ڪرڻ ۾ گذري ٿو.

5_ انقلابي واڌارا تڏهن ٿيندا جڏهن اسان جا سڀ جا سڀ ميمبر ۽ اسان جي اڳواڻي قبول ڪندڙ عوام هر وقت ، هر روز، هر مهيني هر سال ڪنهن نہ ڪنهن انقلابي ڪم ۽ جدوجهد ۾ وڌ ۾ وڌ ممڪن حد تائين مصروف هجن. ان جي ابتڙ صورتحال اها آهي تہ اسان جا اڪثر ميمبر ميسر وقت ۽ پنهنجي صلاحيتن جو ڏهہ سيڪڙو بہ مشڪل سان ڪم ۾آڻين ٿا. اسان جي تحريڪ جا نوي سيڪڙو فرد اڪثر ڪري پنج سيڪڙو بہ ڪم ۾ رڌل نہ هوندا آهن اسين سالن کان پوءِ مس ڪڏهن ڪڏهن اسان جي عوام کي ملڪي حالت آهر ۽ سندن پهچ ۽ خواهش مطابق ، مهيني اڌ لاءِ ڪو ڪم ڏيئي سگهندا آهيون. اهو اڪثر تڏهن ٿيندو آهي. جڏهن اسان کي ڪا وڏي تحريڪ هلائڻي هوندي آهي . نہ تہ انقلاب جي ڪم جي خيالن ڪا ن هو سدائين سڪتا وينا هوندا آهن. ان جو بنيادي ڪارڻ اسان جي اڳواڻي جي لياقت جي گهٽتائي آهي. اسان کي کپي تہ پنهنجي تحريڪ ۽ پنهنجي اثر ۽ اڳواڻي کي قبول ڪندڙ عوام کي هر دم سندن پهچ آهر ۽ صلاحين مطابق ننڍڙي کان ننڍڙا ڪم ڏئي . کين انقلابي طرح مصروف رکون ۽ آهستي آهستي ڏاڪي بہ ڏاڪي کين پنهنجي اڳواڻي هيٺ ،هينان کان هينئين ڏاڪي جي جدوجهد کان، مٿئين کان مٿئين ڏاڪي جي جدوجهد ڏانهن اڳتي وڌايون . اسان جي اڳواڻ دوستن کي پاڻ ۾ اها لياقت پيدا ڪرڻ کپي تہ هو سڪل بند کي سائو ڪري سگهن. منجهن اهو شوق ، اها لگن ، اها صلاحيت ۽ ڏاهپ هجي جو هو ظاهري طرح نڪمي کان نڪمي ماڻهو جي

اندر لڪل معمولي کان معمولي صلاحين کي بہ تاڙي وٺن. ۽ انکي ڏاهپ ۽ ڪاريگري سان ، آهستي آهستي ، ڏاڪي بہ ڏاڪي اٿاري ڪڙو ڪن ۽ آهستي آهستي جڻ آگر کان وٺي کيس اڳيرو روان ڪن. اسان کي انقلابي ڪم کي اهڙي ٿلهي ۽ ڳري بند وانگر نہ سمجهڻ کپي. جنهن کي چورڻ جي سگهہ رستم پهلوان بہ ساري نہ سگهيو. انقلاب جي ڪم کي هڪ اهڙي مشينري ڪري سمجهڻ گهرجي . جنهن ۾ هزارين لکين پرزا آهن ان ۾ هڪ ننڍڙي کان ننڍڙي ۽ وڏي کان وڏي ۽ معمولي کان معمولي توڙي نازڪ کان نازڪ ۽ قيمتي کان قيمتي پرزي جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ضرورت ۽ پرپور اهميت آهي ۽ ڪو بہ پرزو (واندو) نڪمو ۽ فضول نہ آهي. اسان جي ميمبرن جا دماغ اهڙا سر سبز ، شاهوڪار ، سدا بهار ۽ تخليقي هئڻ کپن ۽ هنن جي ذهنن ۾ انقلابي ڪم جو ايڏو وسيع ۽ گهڻ طرفو خاڪو هجي جو هو لکين مختلف لياقين، چاٽن، سمجهن، ۽ ذهني سطحن ۽ پس منظرن وارن ماڻهن لاءِ سندن پنهنجي پنهنجي صلاحيت ، حالت ، ۽پس منظر مطابق ڪم پيدا ڪري سگهن ۽ کين ورهائي ڏيئي سگهن. جنهن بہ ماڻهو ۾ ذري

جيتري بہ چر پر ڪرڻ جي خواهش هجي ان ڪي هو چر پر ۾ اچڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ واٽ گهڙي تيار ڪري ڏين تہ جيئن انقلابي وطن دوست ڪم ڪرڻ جي ٿوري ڪان ٿوري خواهش رکندڙ ۽ لياقت رکندڙ سنڌ جو هڪڙو ماڻهو بہ اسان جي هوندي واندو ۽ بيڪار رهجي نہ وڃي . دراصل هزارين لکين سنئين سوچن ۽ ڪافي لياقتن وارا ماڻهو اسان جي اڳيان موجود آهن. پر فقط اسان جي سندن پهچ ۽ صلاحيتن مطابق ڪم ڳولي نہ ڪڍي ڏيڻ ۽ ڪين اهڙي ڪم سان نہ لڳائڻ جي ڪري، انقلاب جي اها اٿاهہ فوج ۽ سندن قوتن ۽ صلاحيتن جو اڻ ڪٿ خزانو اسان جي تحريڪ ۽ اسان جي عوام جي ڪم نہ پيو اچي. ۽ رائيگان پيو وڃي اسان کي انهيءَ ڪميءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ پوري ذميواري ۽ حوصلي سان جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

6 _اسان کي ماڻهن جا دماغ ۽ ذهن بہ جيتڻا آهن تہ سندن روح ۽ سندن دليون بہ پنهنجي پاسي ڪرڻيون آهن. ان لاءِ اسان کي ماڻهن کي نظريو ۽ سياست بہ سمجهائڻي آهي تہ پنهنجي اعليٰ ذاتي خوش اخلاقيءَ ۽ سياسي فضيلت ذريعي سندن دلين ۽ روحن کي بہ پنهنجو ڪرڻو آهي. پهرين ڳالهہ تي اسان گذريل سالن ۾ ڪجهہ ڏيان ڏنو آهي . پر ٻي ڳالهہ صفا رهجي ويل آهي. اسان کي ذاتي ۽ سياسي خوش اخلاقي جو مثالي نمونو بڻجڻو آهي ۽ لکين ماڻهن جون دليون موهڻيون آهن. اسان کي کپي تہ پنهنجي پر ۾ علم جا سمنڊ ٿيو ڇيهہ ڪريو ، پنهنجي تنظيمي گهر اندر درد روزا بند ڪريو پريا ڦوڪيا بالم بنيا وينا نہ هجون پر ٻاهر نڪري لکين عوام سان ملي هڪ ٿيڻ جي هنر ۾ پڙ ٿيون. اسان کي کپي تہ اسين سون، هزارن لکن ماڻهن سان ميل ميلاپ پيدا ڪريون ۽ جيڪي بہ ساٿي، عوام اڳيان اچڻ جهڙا هجن سي ۽ اسان جي تنظيم جا ميمبر ۽ دوست عوام جي سمنڊ ۾ گهڙي پئون . اسان مان هڪڙو هڪڙو ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ، ڪنهن نہ ڪنهن روپ۾ ، ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ جي سلسلي ۾ هر روز سون ماڻهن سان ڪو نہ ڪو لاڳاپو رکڻ جي ڪوشش ڪري اسان کي روزانو پنهنجي ٻين ڪمن جي وچان گهٽي ڪان گهٽ ماڻهن سان عليڪ سليڪ ڪرڻ کپي ۽ ٿي سگهي تہ حال احوال ڪرڻ کپي ، بيمار کي پڇڻ کپي ڏکويل سان ٻيو نہ تہ زباني همدردي ڪرڻ کپي. موتي فوتي تي ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ کپي، جڏهن جڏهن ممڪن ٿي سگهي تڏهن ٻين رسمي سماجي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ کپي. پوءِ ٿوري وقت لاءِ ئي سهي، گسان، پنڌان، هلندي، ڦرندي، ڪنهن سان دعا سلام، ڪنهن سان خوش خير عافيت . ڪنهن سان همدردي . ڪنهن جي سار سنڀال، ڪنهن کي نصيحت، ڪنهن ڪان صلاح پڇڻ کپي. وڙهيلن کي ٺاهڻ کپي . رُٺلن

ڪي پرچائڻ ڪپي.جهيڙا ٽارڻ ڪپن. منو ڳالهائڻ ڪپي. قرب سان ملڻ ۽ زنده دلي ۽ خوش طبعي سان ڪچهري ڪرڻ ڪپي. هر هنڌ ليڪچر ڏيڻ ۽ تبليغ ڪرڻ جي ضرورت ناهي. ڪٿي موقعو هجي تہ پلي نہ تہ ماڻهن سان رڳو ماڻهو ٿي رهڻ ۽ ڪين ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجائپ جو احساس ڏيارڻ ئي وڏي ڳالهہ آهي. اسان ڪي نظريہ دان, ڪارڪن, سپاهي, مزدور ۽ عالم هجڻ سان گڏو گڏ سٺا, پيارا , پنهنجا, نيڪ نيت, خير خواه ۽ ڏُر ڏٺي ماڻهو بہ ليکجڻ ڪپي.

اسان جي ڪوشش هجي تہ ماڻهو اسان کي پنهنجو پاڻَ پنهنجو ٻچو ۽ وارث سمجهن ۽ اسان تي ڪک بہ نہ سهن. هو شروعات ۾ اسان جي نظرين کي سمجهن نہ سمجهن پر اها ڳالهہ چڱي طرح سمجهن تہ اسان ڀلا ۽ عاليشان ماڻهو آهيون. عوام سان ڳانڍاپو اول ذهني ميلاپ تائين نہ پهچندو آهي. پر اول دلين جي ڳنڍجڻ کان پوءِ ذهنن ۽ دماغن جو ڳانڍاپو ٿيندو آهي. اسان کي پنهنجي غريب عوام سان, وڏن سان وڏو, ننڍن سان ننڍو ٿيڻ ڪپي. ننڍن سان شفقت ۽ وڏن سان نوڙت ۽ ادب سان ڳالهہ ٻول ڪرڻ ڪپي. اسان کي آڪڙ نہ ڪرڻ ڪپي. ڪوڙ نہ ڪرڻ ڪپي. پاڻ نہ پڏائڻ گهرجي. ماڻهن کي خبر هئڻ ڪپي تہ اسين واعدي جا سچا ۽ هڪڙي ڳالهہ وارا مڙس آهيون. اسان کي ساٿن هڪجهڙائي جي بنياد تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ مٿيرائي سان مهرباني طور!

7_اسان جو پنهنجي ساٿين ڏانهن هڪ اهم ڳالهہ ۾ رويو مشيني آهي جيستائين جيڪو ماڻهو اسان جو ميمبر نہ ٿو ٿئي تيستائين اسين مٿس طرحين طرحين جا ورڪ ڪريون ٿا, کيس سمجهايون ٿا, پڙهايون ٿا, سندن انگل آرا ڪڍون ٿا, کيس ريجهايون ٿا, منجهس روح ڦوڪيون ٿا, جوش, ولولا, همتون ۽ حوصلا پيدا ڪريون ٿا, تان جو نيٺ هو قائل ٿي اسان جو ميمبر بڻجي ٿو. پر ميمبر بڻجڻ کان پوءِ اسان جو ڏانهس رويو هڪدم ائين بدلجيو وڃي جيئن اڪثر عاشقن جو پنهنجي محبوبائن سان شادي ڪرڻ ۽ سندن نڪاح ٻڌين زالن ٿيڻ کان پوءِ بدلبو آهي.

اسان جا اڳواڻ دوست پوءِ سمجهن ٿا تہ ميمبر جي معنيٰ آهي ماتحت ڪامورو! جنهن جو ڪم آهي رڳو حڪم جي تعميل ڪرڻ. تنظيمي ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ تنظيم وٽ بہ هٿيار هوندا آهن, جزا ۽ سزا يعني محنت جو اجورو ۽ ڪوتاهي جي سزا . اسان وٽ اجوري جي معنيٰ ٿيندي آهي. ساٿين سان ڪوشش ڪري اهڙو ئي خلوص ۽ محبت وارو رويو اختيار ڪرڻ جيڪو سندس ميمبر بنجڻ کان اڳ اسان ڪين

ميمبر بنائڻ لاءِ اختيار ڪيو هو. اسين سمجهون ٿا تہ ميمبر بنجڻ کان پوءِ ساٿين کي سمجهائڻ پڙهائڻ ، سيکارڻ ، اتساه ڏيارڻ، منجهن جوش جذبو پيدا ڪرڻ، منجهن انقلاب لاءِ شوق ۽ لگن پيدا ڪرڻ ۽ منجهن حوصلو ۽ همت پيدا ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. فقط ضابطي کي مڃرائڻ ، حڪم ڏيڻ ، حڪم هلائڻ ۽ حڪمن جي تعميل ڪرائڻ ڪافي آهي. اها روش غلط آهي. ميمبرن کي شوق ڏيارڻ سندن دل وڌائڻ منجهن چاهہ ، جوش جذبو قائم رکڻ ۽ وڌائڻ ۽ سندن انقلاب سان عشق ۽ ان ۾ ايمان سلامت رکڻ اهڙو ئي ضروري آهي. جهڙو کين ضابطي سان هلائڻ ۽ سندن اڳواٽي ڪرڻ. ساٿين جو دلي شوق وڌائڻ ۽ کين ضابطي سان هلائڻ اُهي انقلابي گاڏيءَ جا ٻہ ڦيٿا آهن. انهن مان هڪڙو بہ ڦيٿو ڪم نہ ڪري تہ گاڏي بيهجي ويندي. هڪڙي انقلابي ماڻهوءَ کي هر وقت اٺ ئي پهر سُتي توڙي جاڳندي، پنهنجي ڳالهہ تي پڪو پنهنجي فيصلي تي اٽل، پنهنجي ڪم ۾ پڙ ۽ ڪاريگر ۽ سورهيائي ۽ قرباني جو پتلو هجڻ کپي.

پر هر ميمبر هر وقت ائين هجي اها ڳالهہ ڏکي آهي. اڪثر ڪري هر ماڻهو زندگي ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن ، ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمزور ٿي پوي ٿو. ڪنهن نہ ڪنهن وقت هو منجهيو پوي. بہ دليو ٿيو پوي. کيس رستو نظر نہ ٿو اچي. سندن دل ۾ شڪ ۽ وسوسا پيدا ٿين ٿا. ماڻهو ٿڪيو ۽ بيزار ٿيو پوي، ساڃيو ڪم ڪندي ۽ ڪو خاص وڏو نتيجو نہ ڏسندي سالن کان پوءِ ڪڪ بہ ٿيو پوي. فولادي کان فولادي شخص بہ ڪڏهن ڪڏهن آٿت ، ڪنهن سهاري ، ڪنهن دلداريءَ ، ڪنهن صلاح ۽ ڪنهن ڏڍ جو آسائتو ۽ گهرجائو ٿيو پوي . ماڻهو ماڻهو آهي. مشين نہ آهي پر مشين بہ خراب ٿيوپوي. ۽ ان کي بہ وقفي کان پوءِ صفائي ، مرمت ۽ اوور هال جي ضرورت پوي ٿي ماڻهو وري بہ ماڻهو آهي. ان کي مشين کان و ڌيڪ وقت بہ وقت صفائي، سروس ، مرمت ۽ ڪڏهن ڪڏهن اوور هال جي ضرورت پوي ٿي. جسماني توڙي روحاني طرح جذباتي توڙي نظرياتي طرح ، ساٿين کي چئني طرفن اکيون کليل رکڻ کپن ۽ مرشد سائين جي حڪم موجب: **"هٽڻ هيڪلڻ پيلي سارڻ، مانجهيان اي مرڪ"** مطابق هٽڻ سان گڏ ساٿين کي هڪل ڪري سندن خبر چار وٺڻ کپي تہ روحاني، ذهني ، نظرياتي، جسماني توڙي ٻي طرح ڪهڙي حال ۾ آهن. ٻئي طرف هر ساٿي جوفرض آهي تہ هو هر ذاتي ڪمزوري جو مقابلو ڪري پنهنجي ڪم تي اڳ کان وڌيڪ پختو رهي ۽ ڪنهن بہ ننڍي وڏي ڳالهہ کي انقلابي ڪم جي راه جي رڪاوٽ بنجڻ نہ ڏي.

هن سموري ڳالهہ جو نتيجو اهو نہ نڪرڻ کپي تہ جيڪي ميمبر چر پر ۾ آهن سي بہ بهانا ڪري ويهي رهن پر اهو نڪرڻ کپي تہ جيڪي شايد ويهڻ وارا آهن

تن جو اڳواڻ علاج ڪجي تہ جيئن هو ويهي رهڻ بدران ٿوري ساهي پٽي، چاڪ چڱا ڀلا ٿي، وري نئين جوش ۽ ولولي سان پنهنجي ڪم تي چالو ٿي وڃن.

اسان جا همدرد دوست ڪم لاءِ تمام وڏي اهميت رکن ٿا. اسان مان ڪيترن ميمبرن جو انهن ڏانهن رويو غلط ۽ ڪم ڪڍائو هوندو آهي. اسين ڪانئن فنڊ ائين وٺندا آهيون ڄڻ اسان جو مٿن ڪو قرض رهيل هجي ۽ ڪي لالا پناڻ هجون. فنڊ مليو تہ اسان جا ميمبر گم ائين ٿي ويندا جيئن ڳئون جا مٿيان ڏند! ڪم لٿو ڪاغذ ڦاٽو.

انهيءَ رويي کي تبديل ڪرڻ گهرجي. اسان کي پنهنجن حقيقي ۽ پُرخلوص همدردن سان صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي همدرد، پنهنجي يار، پنهنجي ڀاءُ وارو رويو اختيار ڪرڻ کپي. ساڻن ڪرڻ جهڙا حال احوال ۽ ڪچهريون ڪرڻ کپن. ساڻن پاليسي، عام واٽ ۽ ٻين مسئلن تي صلاح مصلحت ڪرڻ کپي ۽ سندن راءِ معلوم ڪرڻ کپي. ساڻن پر خلوص نموني ۽ سنجيدگي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ کپي. کين سيکارڻ ۽ ڪانئن سکڻ کپي. سندن حوصلہ بلند ڪرڻ کپن تحريڪ جي ڪمن ۽ عوام جي روشن مستقبل ۾ سندن ايمان روز بروز وڌيڪ مضبوط ۽ اٽل ڪندو رهجي. منجهن وڌيڪ سرگرمي جو چاهہ پيدا ڪرڻ کپي. سندن سمجهہ ۽ ڪم جي معيار کي ڏينهون ڏينهن بلند ڪندو رهڻ کپي. ۽ پاڻ بہ سمجهي ۽ انهن کي بہ سمجهائي تہ هو تحريڪ جي مشينري جا نهايت اهم پرزا آهن. البت اهو خيال ضرور رکڻ گهرجي تہ ڪو بہ عيار ماڻهو همدرد جي ويس ۾ اسان کي پنهنجي انقلابي راهہ تان ٿيڙي ، مورڳو اسان کي پنهنجي غلط ذاتي سياست جي تابع ڪري اسان کي استعمال نہ ڪري سگهي.

9_اسان جا ڪيترا ميمبر اقتصادي مجبورين يا ٻين اهڙن سببن جي ڪري هلندي هلندي اوچتو يا آهستي آهستي ڪري ويهي ٿا رهن. مثالي ڳالهہ اها ٿيندي تہ اسان جا سڀ دوست جيئن پنهنجو ڪم شروع ڪن تيئن زندگي پر اهو بند نہ ڪن ۽ ويراوير وڌندا رهن. پر جيتوڻيڪ ڪجهہ ماڻهو اهو مثالي ڪردار گهڻي ڀاڱي ادا ڪري سگهن ٿا ۽ ڪن ٿا پر تہ بہ سڀ ماڻهو ائين ڪن سو ممڪن ناهي. ماڻهوءَ جي ڪم ۾ سدائين ساڳي رفتار هجي تہ ان جو امڪان گهٽ آهي . لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ تيزيون ڍلائيون فطرت جو قانون آهن. پر اسان جا اڪثر دوست اها ڳالهہ سمجهن نہ ٿا ۽ هو پنهنجي سست ٿيل، ٻيهي رهيل ساٿين ڏانهن حقيقت پسندي بدران خيال پرستي وارو رويو رکن ٿا. هو هنن جي حالت ، مجبورين ۽ ڪمزورين کي نہ سمجهي پاڻ کي مٿانهون ۽ هنن کي ڪِري ويل ماڻهو سمجهي پنهنجي دل ۾ انهن لاءِ نفرت ۽ حقارت وارو رويو رکن ٿا . کين پاڄوڪڙ ۽

نڪمو سمجهي مڪمل طرح رد ڪري ڇڏين ٿا ۽ ساڻن ڳالهائڻ پنهنجي گهٽتائي سمجهن ٿا .ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ماڻهو واقعي بلڪل خراب ۽ گند ٿي ويا هجن. پر سڀ ائين ٿي نہ ٿا سگهن. سيني کي نظر انداز ڪرڻ غلط ، بي انصافي تحريڪ ۽ عوام لاءِ نقصان ڪار ڳالهہ ٿيندي . جيڪو ماڻهو اسان سان ڪجهہ وقت ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ٿو اهو تحريڪ ۽ عوام کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي ٿو ۽ اسان جي واڌارن ۽ ڪاميابين جي جيڪا موڙي نهي ٿي تنهن ۾ هو بہ ٻين سان گڏ ٿورو گهڻو ڀائيوار رهي ٿو. اسين سڀ اڄ جنهن منزل تي پهتا آهيون تنهن تائين پهچڻ ۾ بي انداز اهڙن ماڻهن جون ڪوششون جاکوڙون ، سر جو شيون ۽ قربانيون شامل آهن. جيڪي اڄ اسانجي صفن ۾ سر گرم ناهن. اسان کي تنگ نظر ۽ احسان فرموش نہ ٿيڻ گهرجي. اسان کي بي واجبي ۽ بي انصافي کان بچڻ گهرجي . جنهن ماڻهو تحريڪ ۽ عوام لئہ هڪڙي ڏينهن بہ هڪڙي وک بہ کنئي آهي ان کي ٻين اهڙن جهڙو نہ سمجهڻ گهرجي. جن اسان سان ڪڏهن بہ هڪڙي وک بہ نہ کنئي آهي. اسا ن جا اهڙا ميمبر جيڪي فقط وينل آهن ۽ مخالفت نہ ٿا ڪن انهن جي اسان سان ڀائيواري قائم سمجهڻ گهرجي اهي تنظيم جون رزرو ۾ پيل قوتون آهن. جيڪي اسان جي ٻانهن جو ٻل آهن. ۽ اسان جي آئيندي جو سهارو ٿي سگهڻ جي قوت رکڻ ٿيون. هو گهرويٺي پنهنجو ڪم ڪندي هلندي چلندي ، دنيا جو ڪاروهنوار ڪندي تنظيم جي نظرين ۽ خيالن جي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ تبليغ ڪري سگهن ٿا. ۽ انهن مان ڪيترا ائين ڪن ٿا. جيڪڏهن ساڻن صحيح روش اختيار ڪئي وڃي . ساڻن هر ممڪن حد تائين حالتن آهر ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ مسلسل لاڳاپو رکيو وڃي ساڻن خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وڃي. کين تحريڪ جي ڪرڻ جهڙن حالن احوالن کان باقاعدي واقف ڪندو رهجي ۽ کائن پنهنجي پاليسين ۽ ڪمن ڪارين بابت صلاح مصلحت وٺندو رهجي تہ انهن جي حوصلن ۾ بلندي ايندي ۽ تحريڪ کي فائدو ٿيندو رهندو اسان کي سندن گذريل خدمتن جو اعتراف ڪرڻ کپي ۽ ان لاءِ سندن عزت ڪرڻ کپي اهميت رڳوان ڳالهہ کي نہ ڏجي تہ هو اڄ ڇا ٿا ڪن پر ان کي بہ ڏجي تہ هو اڳ ڇا ڪري چڪا آهن ۽ ساڻن صحيح روش رکڻ جي حالت ۾ هاڻي ۽ اڳتي ڇا ڇا ڪري سگهن ٿا. اسان کي پنهنجي ٿڪل ٽٽل، منجهيل ۽ مجبورين جي ماريل، تنظيم کي نقصان نہ رسائيندڙ ساٿين کي ممڪن حد تائين پنهنجو ڪري سمجهڻ کپي ۽ ساڻن مٿي ذڪر ڪيل نموني پنهنجائي واري روش اختيار ڪرڻ کپي.

10_اسان کي پنهنجي تحريڪ جي ماڻهن ۾ پورهيت عوام کان سواءِ ٻين ڪيترن ماڻهن ۽ٻين ڌرين سان ٻہ واسطو رکڻو پوي ٿو تحريڪ جي مفادن لاءِ ضروري آهي تہ اسين اهڙن ماڻهن ۽ ڌرين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ، واسطو رکڻ ۽ ضرورت مهل اتحاد ڪرڻ ۾ بہ پڙ ٿيون. جيڪي اسان کان مختلف موقف رکن ٿا. اسان جا مورڳو ٿورا يا سخت مخالف آهن يا جيڪي اسان جي عام ساٿين کان سماجي، علمي ، طبقاتي يا ڪنهن ڪنهن ٻئي خيال کان مٿيرا ليکيا وڃن ٿا. جيڪڏهن اسين رڳو پاڻ جهڙن يا پاڻ کان گهٽ رتبي وارن ماڻهن سان ملندا رهنداسين تہ اسان جو ماڻهن سان ملڻ جلڻ ۽ ڪاروهنوار ڪرڻ جو دائرو محدود رهجي ويندو اسان جي ڄاڻ ، سمجهہ ۽ قابليت جو هڪڙو سخت امتحان اهو آهي تہ اسين مخالفن يا پاڻ کي اسان جي عام ساٿين کان مٿيرو يا وڏيڪ ڄاڻو ۽ قابل سمجهندڙ ماڻهن سان ضرورت پوڻ تي آساني سان ملي جلي ۽ گڏيل فائدن جي بنياد تي ڳالهہ ٻولهہ خيالن جي ڏي وٺ ۽ بحث مباحثو ڪري ۽ ضرورت پوڻ تي ساڻن اتحاد ڪري، هلائي ۽ قائم ڪري سگهون ٿا يا نہ ، چوندا آهن پنهنجي ڌر تي گدڙ بہ شينهن هوندو آهي. سوجڏهن ڌاريان يا مخالف ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڌر تي شينهن ٻڻيا وينا آهن تڏهن اسين انهن وٽ وڃي انهن سان ملي آهستي آهستي انهن کي پنهنجي پير تي آڻي کين اسان جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ ذهني طرح تيار ڪري سگهون ۽ ساڻن تحريڪ ۽عوام جي مفادن خاطر گهربل قسم جا لاڳاپا قائم ڪري ۽ هلائي سگهون تہ پوءِ چئي سگهبو تہ اسان واقعي پنهنجي ڪم ۾ هوشيار ٿي ويا آهيون. جمندي ڄام ڪو بہ ڪونهي ان ڪم ۾ ضرور سخت مشڪلاتون درپيش اينديون. ٿي سگهي ٿو تہ شروعات ۾ وچ وچ ۾ ڪيترا پيرا ماڻهوءَ کي پنهنجي گهٽتائي محسوس ٿئي. پر ائين سمجهي تہ انهيءَ ٻني جي ڊل اها ٿيندي آهي. مضبوط حوصلي ۽ اٽل ارادي سان پنهنجي مهم جاري رکجي ۽ جيسين سوڀ حاصل ٿئي تيستائين ورچي ڳالهہ اڌ ۾ نہ ڇڏڻ کپي.

11_سفارتڪاري ۽ ڊپلوميسي اتحادين ۽ مخالفن سان ڪاروهنوار ڪرڻ جو وڏو وسيلو آهي. اها سياست جو مکيہ هٿيار آهي. ڪيترا پيرا ماڻهو ميدان تي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڳالهين ٻولين ۾ پنهنجي لياقت جي ڪمي ۽ مخالفن جي ڪاريگري سبب سوڀ جي ڦل کان محروم رهجي ويندو آهي. الٽو هارايل بازي بہ کٽي ويندو آهي. اتحادين، ڌارين يا مخالفن سان وهنوار ڪرڻ ۾گهڻو زور انهن ڳالهين تي نہ ڏيڻ کپي جن ۾ اسان جي ۽ هنن جي وچ ۾ اختلاف آهي. عام ڳالهين ، حالتن ۾ سخت اختلافي مسئلن کان ائين پري پڄڻو آهي. جيئن ڪانو پڄي ڪمان کان بنيادي زور عام حالتن ۾ فقط انهن ڳالهين تي ڏيڻو آهي جن تي

اسان جي وچ ۾ نسبتاَ اتفاق راءِ هجي ۽ جيڪي نسبتاَ گڏيل فائدي جون هجن اسان کي بدترين دشمن سان بہ سخت ضرورت پوڻ تي ڪنهن نہ ڪنهن ليول تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ هلڪي کان هلڪو اتحاد ڪرڻ جو ڪو نہ ڪو سنهو ٽلهو گس کليل رکڻ گهرجي ڪڏهن بہ سمورا سفارتي گس گهٽيون ۽ دريون، دروازا صفا بند ڪري پنهنجين ڳالهين جي هر زير زبر جو پوڄاري بڻجي پاڻ کي سياسي طرح بي واهو بنائي فقط پنهنجي ئي تنگ حلقي اندر قيدي ٿي ويهڻ نہ کپي جيترا گهٽا سياسي ۽ سفارتي گس ۽ لنگهہ ، دريون ۽ دروازا ڪنهن ڏکي مهل لاءِ کليل رکبا اوترو ئي ماڻهوءَ کي دشمن جي گهيرن کي ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي آزادي ميسر هوندي اسان کي ڪنهن ڏر سان اتحاد هلندي اهو ياد رکڻ کپي تہ اڄ جو اتحادي سڀاڻي جو مخالف بہ ٿي سگهي ٿو۽ ان سان اسان کي ڪنهن بہ وقت ويڙهہ بہ ڪرڻي پئجي سگهي ٿي خود اتحاد هلندي بہ گهٽي اتحاد سان گڏ ٿوري گهڻي ويڙهہ لاءِ بہ پاڻ کي تيار رکڻ کپي. انجي ابتڙ وقت جي وڏي ۾ وڏي ۽ پهرين نمبر ويريءَ کي ڇڏي مخالفن بابت اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکجي تہ اسان کي عوام جي مفاد لاءِ ڪڏهن انهن سان اتحاد ڪرڻ جي ضرورت بہ پئجي سگهي ٿي. تنهنڪري ڪنهن نہ ڪنهن سطح تي مخالفت جي باوجود ساڻن ڪنهن نہ ڪنهن نطقي تي اتحاد جو ڪو نہ ڪو سنهڙي کان سنهڙو پيچرو يا ڪڙڪي کليل رکڻ کپي.

12 ـاسان جا اڳواڻ ساٿي جڏهن گڏجاڻين ۾ وجن ٿا تڏهن اڪثر ڪري رڳو رسم جي پورائي ڪن ٿا . سندن اچڻ ڪري ميزبان ساٿين جي دلين ۾ ڪا بہ خاص سرهائي ڪا نہ ٿي ٿئي سندن جاڻ ۽ سندن سمجهہ ۾ ڪو خاص واڌارو نہ ٿو ٿئي . ڪم مڙيئي رڙهي ٿو ۽ جڻ نار وارو رينگهٽ هلندو رهي ٿو. ٿيڻ ائين کپي تہ اسان جا ساٿي جتي بہ وڃن اهو سر سرهو ٿي وڃي جتان لنگهن اتان سندن خوشبو اچي.

## ”اچي آري ڄام جو وڻ وڻ منجهان واس“

هو اهڙا وڻجارا هجن جن وٽ سرت ۽ سمجهہ جون ڪٿوريون ساڻ هجن. هو ا نقلابي ڳالهين جا ڳهير هجن. سندن ڳالهيون ٻڌي سڪا وڻ بہ ساوا ٿي پوڻ گهرجن. ٻڌڻ وارن ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن ۾ نيون روشنيون جڳمڳائجي پوڻ گهرجن، سندن منهن تي سمجهہ ڀريون مرڪون اچڻ گهرجن ۽ سندن اکين ۾ حوصلن جا تجلا پيدا ٿيڻ گهرجن. پرائين نہ ٿو ٿئي اسان جي دوستن وٽ نين ڄاڻن، نين سوچن ۽ سمجهن ۽ دلچسپ وڻندڙ اتساهہ جاڳائيندڙ خيالن ۽ خبرن جو

ذخيرو ايترو گهٽ ٿئي ٿو جو اهو جلد ختم ٿيو وڃي. پوءِ جڻ هو ڳنل پينل رڪارڊ ٻڌجو وڃن جيڪو ٻڌي ٻڌي ماڻهو ڪڪ ٿيو پون.

انهيءَ جو مکيہ سبب اهو آهي جو اهي ساٿي رڳو روز جي روٽين ۾ مبتلا رهن ٿا. روٽين ۾ روز مره جو سنهو ٿلهو ڪم باقاعدي سان ڪرڻ اسان جي ڪم جي پيڙهہ جو پٿر آهي. پر انقلابي ڪم جي سڄي عمارت اها نہ ٿي رهي سگهي . انقلابي ڪم ۾ ماڻهو جو چاهہ وڌائڻ، گهٽي کان گهٽن ماڻهن کان ڪم وٺي ڄاڻڻ ۽ ڪين پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ اسان کي ڪئين رنگ روغن واريون اڏاوتون گهرجن. ان لاءِ ضروري آهي تہ اسين ماڻهوءَ جي ڄاڻ ، سمجهہ چاهہ، تجسس ۽ شوق ۾ واڌارو ڪندا رهون. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اهي ڳالهيون پهرياڻين خود اسان وٽ هجن. ظاهر آهي تہ اسان جي پنهنجي روز مره جي محدود تجربي ۾ روز بروز اهڙيون نت نيون شيون ايڏي وڏي پيماني تي پيدا ٿي ئي نٿيون سگهن. اهي فقط ٻاهران اچي سگهن ٿيون. اسان جي محدود دائري کان ٻاهر، اسان جي وسيع عوام وٽان، اسان جي قوم جي ٻين محب وطن طبقن وٽان، انقلابي ، عالمن، ۽ دانشورن وٽان، ٻين ملڪن جي انقلابي تاريخ مان ۽ انسان ذات جي گڏيل علم جي ذخيري مان ظاهر آهي تہ اسين انقلابي ڄاڻو ماڻهن مان فقط ڪن ٿورن ماڻهن سان روبرو ملي سگهون ٿا. اسان وٽ باقي ڄاڻ جو مکيہ ذريعو فقط لکتون ئي رهن ٿيون. جن ۾ ڪتاب ، رسالا ۽ اخبارون اچي وڃن ٿيون. ڪروڙين انسانن جي لکن سالن جو تجربو ، سندن سوچون ، امنگون ۽ اڌما خواهشون ۽ ارمان شعور ۽ فڪر اسان وٽ فقط ڪتابن ذريعي ئي پهچي سگهن ٿا.

اسان جا انقلابي استاد ايڏين گونا گون لياقتن جا مالڪ ۽ ايڏن ڪمالن جا صاحب ان ڪري بہ ٿي سگهيا جو هنن نہ فقط پنهنجي زبان پر دنيا جون ڪيئن زبانون سکي. انهن زبانن جا هزارن جا هزار ڪتاب پڙهي، پي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجي اهڙي ريت حاصل ڪيل ڄاڻ جي چنڊ ڄاڻ ڪري سوين ڪتابن جيتريون شاهڪار لکتون بہ تخليق ڪري ڇڏيون اٿن. ڪتاب انسان جي تجربي جو نچوڙ آهن. سڻن ڪتابن ۾ انساني عقل ڏاهپ، سمجهہ، همت، سورهيائي ، سر ويچي جا عظيم سر چشما آهن. سٺا ڪتاب اسان جي زندگي جي هزارين ڳالهين ۾ بہ اسان جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. ۽ هر اوکي ويل اسان کي ڪو نہ ڪو گس ڏيکاري سگهن ٿا. مطالعي جي کوٽ اسان جي لاءِ هڪ تمام وڏو ۽ بنيادي ڏکيو مسئلو بنجي پيو آهي.

ان کي حل ڪرڻ بنا اسين هر گز اڳتي نٿا وڌي سگهون . اسان مان هر ساٿيءَ جو ننڍڙو ۽ پتڪڙو ذاتي تجربو اسان جي ڪم جي رهنمائي ۽ رهبري ڪرڻ لاءِ

هر گز ڪافي ناهي. ان پتڪڙي ذاتي تجربي جي ڪري انقلابي ڳاڙهو هلائڻ خطرناڪ ڪم ٿيندو ۽ نيم ملا خطره ايمان! نيم حڪيم خطره جان! وارو ڪم ٿيندو. پر بدقسمتي سان اسان جا اڪثر سر گرم ساٿي بہ فقط پنهنجي پتڪڙي ۽ محدود ذاتي انقلابي تجربي جي رحم ڪرم تي آهن. تنهنڪري سندن ذهن تنگ ۽ سو چون چاڪيءَ جي اُٺ وانگر فقط هڪ محدود دائري جي چوڌاري ڦرن ٿيون. جي خاص ڪوشش ڪجي تہ ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون سدائين چر پر ۾ رهندي بہ پڙهي سگهجن ٿا. ڪيڏي ڪم ڪان پوءِ جيڪو وقفو ملي تنهن ۾ اخبار، رسالو يا ڪتاب جو ٽڪرو پڙهي سگهجي ٿو. ڪو بہ ڪم پاڻ مرادو ڪو نہ ٿيندو آهي. هر ڪم لاءِ پهرين مضبوط ارادو ڪبو آهي.

پوءِ ان کي اورچائي سان آهستي آهستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي ڪڏهن وڌ ڪڏهن گهٽ، ڪڏهن ڍرو ڪڏهن تيز جاري رکبو آهي. تان جو هر ڪم جي شروعات ۾ ماڻهوءَ کي ان بابت دل ۾ جيڪو خوف ويٺو هوندو آهي. سو لهي ويندو آهي ۽ دلچسپي پيدا ٿي پوندي آهي پڙهائي ۽ مطالعي جو عمل بہ ائين ٿيندو آهي. ان لاءِ مضبوط ارادو ڪپي. شروعات ڪرڻ ڪپي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي اورچائي سان اڳتي وڌي ان کي پنهنجي عادت بنائڻ ڪپي. ماڻهوءَ ۾ شوق آهي تہ الائي ڪهڙيون اٽلپ شيون الائي ڪٿان هٿ ڪريو وجهي. جيڪڏهن اسان سٺن ڪتابن جو مزو وٺي ڏسون ۽ انهن جي اهميت سمجهون ۽ اسان جي ڪتابن نہ پڙهڻ ڪري اسان جو ۽ اسان جي تحريڪ جو ۽ اسان جي عوام جو ڪيڏو نقصان پيو ٿئي ، سو جيڪر محسوس ڪري سگهون تہ جيڪر اسان ڪيئن بہ ڪري ڪٿان نہ ڪٿان ڪم جا ڪتاب هٿ ڪري وٺون ۽ مڙسيءَ ۽ اورچائيءَ سان ڪم جا ڪتاب پڙهڻ کي پنهنجي عادت بڻائي وٺون.

13 _ذاتي انا هڪڙي وڏو عوام دشمن مرض آهي. ان جي هڪڙي صورت اها آهي تہ اسان مان ڪي ماڻهو شهرت جا طالب ٿي پيا آهن. ان ڪري منجهن ماٺ مٺيءَ ۾ گمنام ٿي عوام جي خدمت جو جذبو گهٽجي ويو آهي . ٻئي پاسي اها انا پاڻ کي هن نموني ظاهر ڪري ٿي. جو اسان مان ڪي ساٿي پنهنجي ڳالهہ جا عاشق ٿي پون ٿا. اهي برابري جي بنياد تي سمورن واسطيدار ساٿين سان صلاح مصلحت ڪري صحيح فيصلا ڪرڻ بدران هر ڳالهہ ۾ رڳو پنهنجي هلائڻ گهرن ٿا ۽ تحريڪ جي جهموري روايت جي روح کي ڪچلين ٿا. شل نہ سندن وات مان ڪاڪچي ڦڪي غط سلط ڳالهہ نڪري پوي. پوءِ هو چيلهہ ٻڌيو ان تي بيهو رهن ۽ ان غلط ڳالهہ جا جڻ پوڄاري ۽ قيدي ٿيو وڃن. ان تان هڪ انچ بہ لهڻ لاءِ تيار ڪو نہ ٿا ٿين.

ساٿين جي راءِ ۽ مشوري کي حقارت سان رد ڪري ڇڏين ٿا. اختلاف ظاهر ٿيڻ جي حالت ۾ منهن ۾ شور وجهي، اکيون ڦوٽاري، رڙيون ۽واڪا ڪري، طرحين طرحين جا هٺرادو دليلن مٿان دليل ڏيئي، ڦڏا اٿاري ٻين جي ڪمزورين جي بنياد تي ڪين بليڪ ميل ڪري، مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي، پنهنجي ڳالهه ضرور بہ ضرور مڙهين ٿا. جيڪڏهن سندن ڪا غلط سلط ڳالهه ڪنهن سبب جي ڪري منظور نٿي ٿئي تہ پوءِ مظلوم بڻجي هر ڪنهن کي چون ٿا تہ اسان جي ڳالهه تہ ڪنهن کي بہ وڻي ئي ڪانہ ٿي. ان روش تنظيم جي ڪم کي ڪا ڀاري ڌڪ هنيو آهي. اسان کي پنهنجي ڳالهه جو عاشق نہ ٿيڻ گهرجي. پر تنظيم ۽ عوام جي مفادن جو عاشق ٿيڻو آهي. اسان کي پنهنجي واتان ڳالهه ائين سمجهي بيان ڪرڻي آهي. تہ اها ڪا قرآني يا ويدن ۽ شاسترن جي پوتر واڻي ناهي پر فقط ۽ فقط هڪ ماڻهو جي محدود ڄاڻ ۽ تجربي جي بنياد تي ڪيل هڪڙي راءِ آهي. اها سچي جي سچي صحيح ۽ فائديمند بہ ٿي سگهي ٿي ۽ سچي جي سچي غلط ۽ نقصان ڪار بہ ٿي سگهي ٿي. ان ۾ ڪيترين ننڍيون يا وڏيون ڳالهيون واڌاري طور ملائي سگهجن ٿيون ۽ ڦيرائي بہ سگهجن ٿيون يا ان مان ڪيري بہ سگهجن ٿيون. ان جي غلط هجڻ جي حالت ۾ ان کي سچي جو سچو نظرانداز ۽ رد بہ ڪري سگهجي ٿو. انقلابي ايمانداري جي پهرين تقاضا اها آهي تہ اسين سيني واسطيدار ساٿين جا خيال ذري پرزي ميڙي چونڊي ڇاڻي ۽ صاف ڪري ان مان تنظيم ۽ عوام جي مفاد لاءِ بهترين کان بهترين گڏيل ڳالهه ناهيون ۽ جوڙيون.

14۔ اسان جا ڪي ساٿي پاڻ ذاتي طرح قرباني ڏين ٿا ۽ جاکوڙون ڪن ٿا. پر هو ٻين کي پاڻ سان گڏ ڪڻ يا ٻين سا گڏ هلڻ يا اڳواڻي ڪرڻ جي صلاحيت نہ ٿا رکن. هو ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ کان معمولي کان معمولي ڪم صحيح نموني نہ ٿا وٺي سگهن ۽ نہ وري ٻين سندن نظر ۾ اپرن سيرن سان گڏجي صحيح نموني صلاح مصحلت فيصلا ۽ ڪم ڪري سگهن ٿا. هو اهڙيون انجڻيون آهن جيڪي هڪڙو بہ گاڏو ڇڪي نٿيون سگهن ۽ سپ گاڏا پوئتي ڇڏي ، پاڻ يڪي سر، سيٽيون هٽنديون ، گهوگهٽ ڪنديون ، ٽلهيون ئي ٽلهيون اڳتي ڊوڪينديون وڃن ٿيون. هو سوچين ٿا جيڪو ماڻهو جاکوڙ ۽ قرباني جي اسان واري ذاتي معيار تي نٿو پهچي سو نڪمو ۽ نالائق آهي. هو پنهنجي سٺين ڳالهين کي روشنائي بڻائي ٻين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي پنهنجي شخصيت جي چقمق سان ٻين کي پنهنجي چوڌاري گڏ ڪرڻ بجاءِ پنهنجي چڱن ڪمن کان سونٽي جو ڪم وٺي ٻين ساٿين تي انڌا ڌنڌ ٺوڪ بازي ۽ چٽرن جو وارو وار ڪندي هر وقت منجهائن ويڪون ڪيندا رهن ٿا ۽ سندن حوصلا ٽوڙي منجهن احساس ڪمتري پيدا ڪري ثابت

ڪندا رهن ٿا ته ڏسو ته اسين ڪهڙا نه سورما آهيون ۽ ٻيا ماڻهو ڪيترا نڪما، سست ۽ ڪنهن نه ڪم جا آهن . اهڙي ريت سندن چڱا ڀلا گڏ تنظيم ۽ عوام جي فائدي بدران الٽو نقصان ثابت ٿين ٿا. ڪن ساٿين جي اهڙي روش جي ڪري تحريڪ جو گهڻو نقصان ٿيو آهي.ڪيترادارا ذري گهٽ مفلوج ٿي ويا آهن. ۽ سندن علائقن ۾ تنظيم جو ڪم ذري گهٽ ويهي رهيو آهي. اسان جي انقلابي استادن اسان کي سيکاريو آهي ته انقلابي ڪم ڪرڻ جو عوامي انداز اختيار ڪرڻ کپي. جنهن جو مطلب آهي ڪم جو دارومدار فقط ڪن ٿورڙن سورهين ۽ غير معمولي ڪارڪنن جي پيچ ڏڪ ۽ ڦٽ ڦٽ تي نه هجي پر سوين هزارين بلڪ لکين ماڻهن جي پنهنجي پهچ آهر چر پر ۾ ڪوشش تي هجي . رڳو چند ماڻهو پلي ڪٽي پنهنجيون سسيون وڏائي تحريڪ تي نذرانو پيش ڪن ته به فقط انهن جي ڪري انقلاب نه ايندو . انقلاب تڏهن ايندو جڏهن اسان جا بهادر، دلير ، سر گرم ۽ سر ويچ ڪارڪن فقط پنهنجي ذاتي سورهيائي ۽ پيچ ڏڪ تي دارومدار رکڻ جي بدران انجڻيون بڻجي عوام سان پريل گهٽي ۾ گهٽا گاڏا پاڻ سان ڇڪي اڳتي وڌندا ، گهٽي ڪان گهٽن ماڻهن ڪان سندن پهچ ۽ لياقت مطابق ڪم وٺي سگهندا ۽ انهن کي سر گرم ڪري انهن کي تحريڪ جي اڳواٽي هيٺ اڳتي وڌائڻ ۾ پيڙ ٿيندا . ٿورن ماڻهن جو گهٽي ۾ گهڻو چوويهه ڪلاڪ سر جي ست ڏيڻ جهڙو ڪم به تيستائين بي معنيٰ آهي. جيستائين اهو گهٽي ڪان گهڻو عوام جي ڪم ساڻ اڻ تٽ نموني ڳنڍيل نه هجي.

15 ـ اسان جي ڪن اڳواڻ ساٿين جو پنهنجي ساٿين ۽ رفيقن سان رويو صحيح نه آهي. انهن جو پنهنجي ساٿين ڏانهن رويو اڪثر وڏيرڪي نموني جو کهرو اڻ وڻندڙ دٻائڻ ، هيسائڻ ۽ هڪ هٽي وارو آهي. جاگيرداري قبائلي سرداري ماحول ڪان متاثر ٿي ۽ ٻين سردارن ۽ معتبرن جي هلندي ۽ سندن پوئلڳن جي تابعداري کي ڏسي اسين به سوچيون ٿا ته اسان جي سنگتي ڪمن ۾ گهٽي سرگرمي جي ڪري ٻيا ساٿي عملي طور اسان جي دٻاءَ هيٺ رهن، اسان ڪان ڏڃن ۽ بنا چئه چوا جي هر ڳالهه قبول ڪن. پنهنجو انقلابي وڏيرو ڪري تسليم ڪن. هو اڪثر ساٿين جون بي عزتيون ڪن ٿا. ساڻن نا قابل برداشت وڏيرڪو سلوڪ ڪن ٿا. خود گڏجاڻين ۾ به هو ساٿين سان حاڪماڻي بالادستي واري روش، کهرو دٻاءُ وارو لهجو ۽ عام رواجي فضيلت ڪان خالي ڳالهائڻ جو انداز اختيار ڪن ٿا. نتيجو اهو پئي نڪتو آهي جو جن ادارن سان اهڙن ساٿين جو واسطو پيئي رهيو آهي . انهن جي گڏجاڻين ۾ اڪثر جهيڙو ۽ فساد هلندو رهيو آهي . تان جو ڪي گڏجاڻيون ٿيڻ ئي ذري گهٽ بند ٿي ويون آهن ۽ جي ڪڏهن ان روش کي هڪڙي ڏاڪي تي

چاڻ نہ اچي ها تہ هيستائين تحريڪ کي نا قابل تلافي نقصان پهچي چڪو هجي ها. اها روش بنيادي طرح اجا قائم آهي. ان کي جيڪڏهن محڪم ارادي ۽ وڏي جاکوڙ سان اول ڪنٽرول هيٺ نہ آندو ويو ۽ پوءِ ان کي آهستي آهستي عملي طرح ختم نہ ڪيو ويو تہ تحريڪ کي خطرناڪ نقصان پهچي سگهي ٿو. ۽ ان جو سمورو ڪم ڪار آهستي آهستي بحران جو شڪار ٿي درهم برهم ٿي سگهي ٿو. ان صورتحال کي قائم رکڻ لاءِ بيا واسطيدار ساٿي بہ جوابدار آهن. ان روش جي شڪار ٿيل ساٿين لاءِ ظاهري طرح اهي بہ رستا کليل رهن ٿا. يا تہ ان روش، لهجي ۽ ڳالهائڻ جي اندازجي جواب ۾ ساڳي روش ، ساڳيو لهجو ۽ ساڳيو انداز اختيار ڪري گڏجاڻي جي مقصد کي خطري ۾ وڌو وڃي ۽ تحريڪ جي مفادن کي ڇيهو رسايو وڃي يا تہ وري بظاهر وڏو گڙدو ڪري سوربي، خاموشي سان سڀ ڪجهہ برداشت ڪري ان غلط روش کي هٿي ڏيئي ان کي روز بروز وڌيڪ خراب ٿيندو رهڻ ڏنو وڃي ۽ اهڙي ريت تحريڪ جي ڪمن ڪارين ، ان جي ہڌي ۽ ان جي وقار کي نا قابل تلافي ڇيهو رسايو وڃي . واسطيدار ساٿين اڪثر ہيو رستو پئي اختيار ڪيو آهي اهي ہئي رستا صحيح نہ هئا. ٽيڻ ائين ڪبي ها تہ عام طرح يا گڏجاڻين ۾ ساٿين جي اهڙي قسم جي غلط روش جو با قاعدي ۽ سنجيدگي سان نوٽيس ورتو وڃي ها ۽ موجوده ساٿين مان هر ڪو پوءِ چاهي اهو ڪيترو بہ جونيئر ۽ ننڍو ڇو نہ هجي ها غلط روش اختيار ڪندڙ ساٿي کي پوءِ اهو چاهي ڪيترو بہ سينيئر ۽ ڪيڏو بہ وڌيڪ ذميوار ڇو نہ هجي ها، نهايت فضيلت سان، پر پوري بي خوفيءَ ، جرئت ۽ مضبوطي سان ، چٽي ۽ با اصول نموني سمجهايو وڃي ها تہ سندس اها روش ڪهڙن سببن جي ڪري غلط ۽ نقصانڪار آهي. ۽ جيڪڏهن اها روش ختم نہ ٿي تہ ان مان تحريڪ ۽ عوام کي ڪهڙا ڳرا نقصان رسندا. جيڪڏهن اهو ساٿي ائين سمجهائڻ سان سمجهي وڃي ها تہ ڪيس پاڻ کي درست ڪرڻ ۾ هر ڪا مدد ڏني وڃي ها ۽ سندس ان ڳالهہ کي سٺو سمجهي ساراهڻ گهرجي ها. پر جي ڪو ساٿي پنهنجي سينارٽي يا وڌيڪ ذميوار يا ہي ڪنهن بہ سبب جي ڪري مٿي ذڪر ڪيل نموني واري غلط روش جاري رکي ۽ پاڻ کي سڌارڻ کان انڪار ڪري تہ ان حالت ۾ اها ڳالهہ باقائده لکت ۾ مٿين ادارن جي ڌيان ۽ ايجنڊا تي آڻجي ها. ان مسئلي تي سنجيدگي سان ويچار ڪري موزون فيصلا ڪيا وڃن ها. ضرورت پوڻ تي صابطي جي ڪاروائي ڪئي وڃي ها. ان ڳالهہ کي چغلي نہ سمجهڻ کپي ها ۽ نہ وري ان واسطيدار ساٿي جي خلاف دشمني جي ڳالهہ سمجهڻ کپي ها. ان کي پنهنجي ان سنگين ۽ غلط روش اختيار ڪندڙ ساٿيءَ ڏانهن پنهنجي عوام ڏانهن ۽ تحريڪ ڏانهن ذميواري جي ادائگي سمجهڻ کپي ها.

بحرحال هن کان پوءِ اهو صحيح طريقو اختيار ڪرڻ کپي ۽ هن سخت نقصانڪار، لاڙي جي محڪم ارادي ۽ پوري پوري جاکوڙ سان پا ڙ پٽڻ گهرجي.

16 _سنڌي جو هڪڙو پهاڪو آهي "ڪتيو ٿورو لباڙ گهڻي" اهو پهاڪو اسان جي ڪن دوستن سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. هنن ۾ ڪم ڪرڻ جو اونو، خواهش ۽ تنظيم جي ڪمن کي صحيح نموني ڪرڻ جو اونو تمام گهڻو هوندو آهي. بلڪ ٻين ڪن جي پيٽ ۾ وڏيڪ هوندو آهي ۽ دلي طرح چاهيندا آهن. ته تنظيم جو نقصان نه ٿئي ۽ ان جي فائدي جا سمورا ڪم ٿين پر هو ان لاءِ پاڻ ۾ گهربل لياقتون پيدا ڪرڻ، پورهيو ڪرڻ ، تياري ڪرڻ ، دوستن کي سر گرم ڪرڻ ۽ ساٿن گڏجي سانتيڪي، بردبار ۽ سرگرم نموني ڪم ڪرڻ بدران رڳو ساٿين کان آڏيون پڇائون ڪندا. مٿن داٻا، ۽ دهمان ڪندا، الزام هڻندا ، گهوڙا گهوڙا ڪندا، وڳوڙ ۽ هِراس ڦهلائيندا ، تيلي مان ٿنڀ بنائيندا ۽ مسئلي کي ويتر بگاڙيندا ۽ خراب ڪندا رهن ٿا. نتيجو اهو ٿو نڪري ته سندن سموري نيڪ نيتي جي باوجود عملي طرح سندن ڪنهن هنڌ هجڻ فائدي بدران نقصان ڪري ٿو. هو سمجهن ٿا ته مرض جو يڪ تڪ علاج آهي، هر وقت ڪُرُ ڪُرُ ، گهوڙا گهوڙا ۽ هاءِ دوس مچائڻ ، حالانڪ صحيح طريقو هي آهي ته ڪمزورين کي ڏسي، ٿڌي مغز سان انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، انهن کي دور ڪرڻ لاءِ گهربل رٿا بندي ڪئي وڃي ۽ ان لاءِ جيڪي قوتون گهربل هونديون آهن، سي گڏ ڪيون وڃن. انهن کي گهربل سکيا ۽ رهنمائي مهيا ڪري ڏني وڃي . هر امڪان ۽ خطري جواڳواٽ علاج سوچيو ۽ ڪيو وڃي. ڪامريڊ مائو جي چوڻ مطابق انقلابي ڪم ڪندي ڏکين حالتن ۾ به هر وقت پر سڪون ۽ سر گرم رهڻ گهرجي. الزام تراشي ۽ گهوڙا گهوڙا ۽ بد نظمي ڦهلائڻ ۽ جنهن به ماڻهوءَ کي ڪنهن خاص ڳالهه ۾ صحيح نه سمجهجي تنهن جي خلاف وقت ۽ مهل ڏسڻ کان سواءِ هر وقت پروپيگنڊا جي باهه ٻاريندو رهڻ انتهائي بي سمجهي ۽ غير ذميواري واريون ڳالهيون آهن . جن کي جيڪڏهن ٻنجو نه ڏنو ويو ته اهي آسپاس جي هر شئي کي ساڙي ڀسم ڪري سگهن ٿيون. جنهن به ساٿي کي پاڻ ۾ انهيءَ قسم جو سنگين ڪمزوريون نظر اچن يا جن ساٿين کي پنهنجي ٻين ساٿين ۾ ڪمزوريون نظر اچن ته سيني کي پهري سجاڳ رهڻ گهرجي. ان کي هڪڙي سياسي بيماري سمجهي صبر ۽ سڪون ۽ محڪم ارادي سان ان جو علاج ڪرڻ گهرجي ۽ ڏاڪي به ڏاڪي ان جي پاڙ پٽڻ گهرجي.

17 _انقلابي ڪم سڄي زندگي جو ڪم آهي. اهو نسلن ۽ پيڙهين جو ڪم آهي. اهو سدائين ڪندو رهڻ جو ڪم آهي. هڪ طرف اسان جي اڳواڻ صفن ۾ مکيه قوت سدائين تجربيڪار آزمايل ۽ جدوجهدن جي کوري مان پچي نڪتل

ساٿي هوندا آهن. ٻي طرف هر ڏاڪي تي نيون قوتون، تازن توانن جذبن ۽ جولانن سان انقلابي جدوجهد جي قافلي ۾ شامل ٿينديون رهن ٿيون. ان قافلي ۾ ڪيئن ننڍا وڏا نوان، پراڻا، ڍلا، ۽ پِلا ماڻهو شامل رهن ٿا . وقت گذرڻ سان گڏ ائين بہ ٿئي ٿو تہ ڪي پراڻا ۽ سينيئر ساٿي جيڪي هڪ وقت ۾ڪافي سرگرم ۽ مُهڙَجي صفن جا سپاهي هجن ٿا. انهن مان ڪي پنهنجي ڪن اندروني ڪمزورين مسئلن يا ٻاهران حالتن جي اثر هيٺ ڍرا ٿي وڃن ٿا يا آهستي آهستي سست ٿي ويهي رهن ٿا. ۽ پٺتي رهجي وڃن ٿا انهن جي جاءِ وري ٻيا پنيان ايندڙ جونيئر ساٿي ڀرين ٿا. اڳتي هلي انهن پراڻن سينيئر ساٿين مان ڪي جڏهن پنهنجي ڪمزورين ۽ مسئلن تي قابو پائي وري سرگرمي سان ڪم ڪرڻ لڳن ٿا تہ ان وقت گهڻوڪري ڪائنن ننڍي عمر وارا، ڪائنن جونيئر ساٿي پنهنجي سرگرمي ۽ صلاحيتن جي آڌار تي اڳواڻ پوزيشن تي ڪم ڪندا هوندا آهن. اهڙي وقت انهن مان ڪي اڳوڻا سرگرم سينيئر ساٿي ڪائنن ننڍين ۽ جونيئر ساٿين جي اڳواڻي ۾ خوش دلي سان هلڻ بجاءِ هيڪ محسوس ڪن ٿا ۽ ان ڪي پنهنجي گهٽتائي سمجهن ٿا. ائين نہ ٿيڻ کپي. اسان جي ننڍين ۽ وڏن ، نون ۽ پراڻن ساٿين جي پنهنجي سرگرمي ، ڄاڻ ، لياقتن، تجربي ۽ ذهني پختگي جي لحاظ کان پنهنجي پنهنجي اهميت ۽ ضرورت آهي. ننڍ وڏائي ۽ ٻين فرقن کان قطع نظر اسان سڀني کي هڪٻئي جي صلاحيتن ،لياقتن ۽ تنظيم طرفان سونپيل ذميوارين کي ذهن ۾ رکندي خوشدليءَ سان هڪٻئي جي اڳواڻي قبول ڪرڻ ۽ گڏ هلڻ ۽ تيار رهڻ کپي.

18۔اسان جي ساٿين کي هڪٻئي سان ميل جول ڪرڻ جي سلسلي ۾ صحيح روش اختيار ڪرڻ ۾ هڪڙي رڪاوٽ اها بہ ٿئي ٿي جو اسين هڪٻئي سان ساٿين واري پنهنجا ئپ‌ءَ واري هلت ڪندي ڪندي، ان عام وڏيرڪي ماحول واري چِڙ واڳي جي وهڪري ۾ وهي وڃون ٿا ۽ سچي انقلابي پنهنجائيءَ جي روش ۽ وڏيرڪي ماحول جي چِڙ واڳي جي وچ ۾ ڪو فرق ڪري ڪو نہ ٿا سگهون . ساٿين سان غلط روش اختيار ڪرڻ جو هڪڙو ٻيو طريقو آهي، دوستاڻي چرچي گهٻي جو اجايو ۽ نا جائز استعمال ڪيترا دوست پنهنجي ساٿين کي هيٺ ۽ ٻاڻ کي وڏيڪ معتبرثابت ڪرڻ لاءِ انهن جي سنجيده ۽ بردبار يا شرميلي ۽ ٿورو ڳالهائو طبيعت يا منجهن موجوده ڪن حقيقي ڪمزورين يا عيبن جو نا جائز فائدو وٺي. دوستاڻي ڪل ٻوڳ جي آڙ ۾، ساٿن اڻ سهائيندڙ چرچا ڪري مٿن چٽر جهڙا نالا رکي ڪين ٻين جي نظر ۾ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٻيا جيڪي اها نيت نٿا رکن سي بہ انهن دوستن کي لاپرواهي ۽ بي رحمي سان اهڙن ناجائزن چرچن ۽ چٽرن جي همت افزائي ڪري داد ڏيئي هل هنگامو ڪري ان مان مزو

ونندا آهن. ڪي دوست وري هڪٻئي خلاف محبت وچان گار جهڙا لفظ استعمال ڪندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ اهو دوستي جو اظهار آهي. اهي سڀ خراب ڳالهيون آهن. اهي نہ پاڻ ڪرڻ کپن نہ پنهنجي موجودگي ۾ برداشت ڪرڻ کپن. اسان کي هڪٻئي سان ڪڏهن بہ ايترو بي تڪلف نہ ٿيڻ کپي جو ڇڙ واڳي جا دروازا کلي وڃن ۽ اسان کي جيڪي منهن ۾ اچي سو هڪٻئي کي چئي ڏيون ۽ پنهنجائي واري بي تڪلفي جي بهاني هڪٻئي جي گهٽتائي ڪري وٺون.هڪٻئي تي چوه چنڊيون ۽ هڪٻئي مان خار ڪڍون . جڏهن ڪن ٻن ساٿين جي وچ ۾ تعلقات بهترين نہ هجن تڏهن انهن کي هڪٻئي سان نهايت احتياط, سنجيدگي ۽ خبرداري سان مخاطب ٿيڻ ۽ ڳالهائڻ گهرجي. بي تڪلفي واري روش هڪدم بند ڪري هڪٻئي سان ڪچهري جي اصولن مطابق يا فضيلت واري نموني ڳالهائڻ کپي. هڪٻئي کي " تون" نہ پر" توهان" ڪري خطاب ڪجي ڪهن بہ قسم جي سڌي يا اڻ سڌي ٽوڪ, رمز, چٽر يا بي قاعدي ۽ ڪمهلي بازاري تنقيد کان قطعي پاسو ڪرڻ گهرجي. ائين پنهنجي تعلقاتن کي خراب ٿيڻ کان مضبوطي سان روڪجي ۽ انهن تعلقاتن جي گاڏي کي پٽتي موٽندڙ گيئر ۾ وجهي, ڏاڪي بہ ڏاڪي , آهستي آهستي موٽائي معمول واري دوستاڻي جڳهہ تي آڻجي.

19_انا جو مرض هڪ ٻي صورت اها وٺي ٿو جو اسين شادين مرادين ۽ ٻين خوشي جي موقعن تي سادگيءَ جي بجاءِ فضول خرچي ۽ شوبازي ڪرڻ لڳا آهيون, ائين ڪندي اسين ڦورو طبقن سان ريس ڪري ۽ انهن جو نقل ڪري انهن جهڙي لئي ڪرڻ چاهيندا آهيون. سادي سودي رهڻي ڪهڻي, ڪفايت شعاري ۽ غريباڻو گذر اسان جا اهي زبردست انقلابي هٿيار آهن جن جي مدد سان اسان وڏن اڙانگن لڪن مان نڪري سگهيا آهيون ۽ اهي ڪم ۽ ڪاميابيون حاصل ڪري سگهيا آهيون, جيڪي وڏا وڏا تونگر ۽ لئي باز ڪروڙين روپيا خرچ ڪري حاصل ڪري نہ سگهيا آهن. اسان جي اصل قوت ڦورو طبقن جي نقالي نہ پر انهن جي ابتڙ انقلابي گڻ آهي. اسان جي رهڻي ڪهڻي , ڪم ڪار, ڳالهائڻ ٻولهائڻ , اٿڻ ويهڻ , ملڻ جلڻ مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ زندگي گذارڻ جو پنهنجو الڳ انقلابي ڍنگ آهي. جنهن ئي اسان کي هن منزل تي رسايو آهي ۽ جيڪو ئي اسان کي اڳتي جون منزلون سر ڪرائيندو.

20_ڪفايت شعاري جي هٿيارجي صحيح اهميت نہ سمجهڻ ڪري اسان ۾ هڪڙو غلط لاڙو اهو پيدا ٿيو آهي جو اسان مان ڪي ساٿي تحريڪ جي ڪمن جي سلسلي ۾ اجايا سجايا خرچ ڪن ٿا ۽ ڪفايت شعاري تي ڀرپور ڌيان ڪو نہ

ٿا ڏين ٻي پاسي ڪي ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن ، جي مورڳو غلط بل پيش ڪري تحريڪ کان غلط وصوليون ڪن ٿا. ان کان وڏيڪ خراب ڳالهہ اها آهي تہ ڪي ساٿي تحريڪ کان رقمون وٺي ڪپايو ڇڏين ۽ پوءِ ڏين بہ نٿا . ان کان بہ وڏيڪ خراب ڳالهہ اها آهي جو هو گُهر ٿا ڪن تہ کائنئن اهڙي امانت ۾ خيانت ڪري خرچ ڪيل رقم واپس بہ طلب نہ ڪئي وڃي . ۽ اها رقم کين معاف ڪئي وڃي. ظاهر آهي تہ ڪا بہ تنظيم اهڙي قسم جي پيچڪڙين کي برداشت ڪري هڪ قدم بہ اڳتي ڇري ڪانہ ٿي سگهي. خلافت تحريڪ جو مثال تاريخ ۾ موجوده آهي. خلافت ڪميٽي پنهنجي عوام کان گڏ ٿيل چندي جا پئسا هڪڙي سيٺ وٽ امانت رکيا هئا. ان اهي ٻي قائدگي ڪري پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳائي ڇڏيا. ڌنڌي ۾ نقصان پيس ۽ سڀ پئسا ٻڏي ويا. ان ڪري سڄي هندستان ۾ ايڏو چوٻول متو ۽ ايڏي خواري ٿي جو خلافت تحريڪ هميشہ لاءِ بدنام ٿي ۽ ختم ٿي ويئي تحريڪ جا فنڊ ڪائڻ ۽ انهن جي غلط استعمال کان سواءِ خود ڪي ساٿي مٿس آئيني طرح مقرر ٿيل فنڊ باقائدگي سان ادا نہ ٿا ڪن. جيڪڏهن ڪنهن مهيني ۾ ڪن سببن ڪري گڏجاڻي نہ ٿي سگهي تہ ان مهيني جو فنڊ وري ليکي ۾ نہ ٿو اچي. فنڊن جي انهن بي قائدگين جي ڪري تحريڪ جا ڪيترائي اهم ۽ ٻيا روز مره جا ڪم متاثر ٿين ٿا. اسان جا هاري جيڪي پنهنجا گهر ٻار ڇڏي سڄو وقت انقلابي ڪم لاءِ تحريڪ جي حوالي ڪري ٿا ڇڏين انهن کي معمولي گذر سفر لاءِ مقرر ڪيل پتو بہ وقت سر باقاعدگي سان نہ ٿو ملي.

21۔تحريڪ جي امانت جا پئسا نا جائز طور پنهنجي ڪتب آڻڻ جو هڪڙو نتيجو اهو بہ نڪتو آهي . جو اسان پنهنجو ڪو بہ رسالو ڪاميابيءَسان هلائي ڪو نہ ٿا سگهون جيڪي بہ رسالا نڪرن ٿا . اهي اڪثر سڀ ڪپيو وڃن ٿا پر انهن تي خرچ ڪيل رقم ٻڏيو وڃي ان جي ڪري ٻيو پرچو نڪري ڪو نہ ٿو سگهي. جاچ مان ڏسجي ٿو تہ وصولي ٿئي ٿي پر رسالي جي اداري تائين رقم ڪو نہ ٿي پهچي ۽ وصولي ڪندڙ ماڻهو رقم واٽ تي ئي ڪپايو ڇڏين تحريڪ جي پئسن کپائڻ جي مرض جي پاڙ جيڪڏهن نہ پٽي ويئي تہ اسان جي ڪم کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو. تحريڪ جي پائي پائي کي مقدس امانت ڪري سمجهڻو آهي ۽ ان سان هٿ چراند کان ائين پيڄڻو آهي جيئن زهريلي نانگ کان پري پيڄجي. اسان جا جيڪي ساٿي انهيءَ بري مرض ۾ مبتلا ٿي چڪا هجن تن کي انقلابي جذبي کان ڪم وٺندي. پنهنجي سوچ ۽ عمل ۾ انقلاب آڻڻ کپي ۽ تحريڪ جي پائي بہ ميري نہ ڪرڻ کپي. تہ جيئن اسان جا رسالا ۽ ڪتاب نڪري سگهن ۽ ٻيا ڪم سٺي نموني جاري رهي سگهن. هر ساٿي ۽ اداري کي ان ڳالهہ بابت چوڪس رهڻ

ڪيپي ۽ ان مرض جي پاڙ پٽڻ لاءِ جدو جهد ڪرڻ کپي. جن ماڻهن تحرڪ جا پئسا بنا اجازت کپايا هجن انهن تان تحريڪ جا فنڊ وصول ڪرڻ جون ذميواريون فوري طرح ختم ڪرڻ گهرجن ۽ ڪائنن کپايل پئسا واپس وٺڻ کپن.

22ـ ڪي ساٿي هڪ ڪان وڌيڪ ادارن ۾ هوندا آهن ته هر هڪ اداري ۾ ائين چوندا آهن ته "مون ڪي ٻيا ڪم آهن". اهڙي طرح هڪ طرف هو پنهنجي وڌيڪ اهميت ظاهر ڪري پنهنجي انا جي تسڪين ڪن ٿا. ۽ ساٿين تي رعب وجهن ٿا ته ٻي طرف هر هنڌ ٻي جڳهه تي ڪم هجڻ جو سبب ڏيئي ڪٿي به ڪم نٿا ڪن يا وري ساٿي ڏينهن تي ٻن مختلف هنڌن تي ڊيوٽيون وٺن ٿا. اهڙي ريت جتي نه وڃڻ گهرندا هوندا اتان پاڻ بچائن ٿا ۽ پنهنجي مرضي جي ڪم ڏانهن وڃن ٿا. ٻيا وري ڪجهه ساٿي اهڙا آهن جيڪي اڪثر ڪافي سر گرم نظر ايندا آهن ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ لڳا پيا هوندا آهن. پر اڪثر ڪري سندن ڪافي ڪم اڌورا ۽ اڻ پورا رهجي ويل هوندا آهن. هو يا ته هڪڙا ڪنيل ڪم اڌ ۾ ڇڏي ٻين ڪمن ۾ هٿ وجهندا آهن ۽ انهن کي به پورو ڪرڻ ڪان اڳئي وري اجا ڪن ٻين معاملن ۾ وجي پوندا آهن. يا وري تحريڪ ۽ عوام جي لاءِ گهربل مکيه ۽ اهم ڪمن جي ڀيٽ ۾ ان وقت جي لحاظ کان نسبتن گهٽ اهم ڪمن کي وڌيڪ وقت ڏئي اهم ۽ ضروري ڪمن کي نظر انداز ڪندا رهندا آهن. جنهن جي ڪري تحريڪ جي ڪارڪردگي تي برو اثر پوندو آهي ۽ اها گهربل واڌارا نه ڪري سگهندي آهي.

23 _ اسان جا دشمن عام ماڻهن ۾ اسان بابت ڪئين ڪئين گلائون ڪندا، الزام هڻندا ، وهم وجهندا ۽ سچا توڙي هٿرادو سوال ڪڙا ڪندا رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن هو اسان جي دوستن مٿان پڻ انهيءَ حقيقي توڙي هٿرادن سوالن جا چار اڇلائيندا رهن ٿا. عام وچترا ماڻهو به اهي سوال ٻڌي اهڙا سوال پڇن ٿا ۽ انهن جي صفائي گهرن ٿا.

اسان جا هڪڙا دوست چاٺو آهن. اهي انهن سوالن جا جواب فورن يا سوچ ويچار يا مطالعي کان پوءِ قائل ڪندڙ نموني ڏين ٿا. پر اسان جا ڪي ٻيا دوست ائين ڪري نٿا سگهن ۽ ٻين سڄاڻ ۽ سينيئر دوستن کان پڇڻ تي مجبور ٿين ٿا. اهي سڄاڻ دوست بجاءِ انهيءَ جي جو انهن کي پوري ڏيان ۽ ڪوشش سان انهن سوالن جا قائل ڪندڙ جواب يا اهي سوال مطالعي ذريعي سوچي ويچاري معلوم ڪري ڏين ڪين قائل ڪرڻ بدران ڪين ائين چئي چپ ڪرائي ڇڏين ٿا ته اهي دشمنن جون ڳالهيون آهن. تو تي ان جا اثر ٿي ويا آهن. ائين برابر آهي ته اسان جي دشمنن جون ڳالهيون جيستائين اطمينان ڏياريندڙ حد تائين ثبوتن سان ثابت

نہ ٿين تيستائين انهن تي ويساهہ ڪرڻ خطرناڪ ڳالهہ ٿيندي. اسان جي ساٿين کي اهڙي حالت ۾عام طرح فرض ڪري وٺڻ کپي تہ اسان جي پنهنجي تحريڪ کي بدنام ڪندڙ ۽ اسان جي ڳالهين کي ڪوڙو ثابت ڪندڙ دشمنن جون ڳالهيون بلڪل صحيح ٿي نٿيون سگهن. انهن ۾ ضرور ڪو فريب، ڪو ڪوڙ ڪا کوٽ آهي. پر جڏهن ڪا اهڙي ڳالهہ ٿئي جا بظاهر ماڻهن کي معقول نظر اچي تہ ان جو قائل ڪندڙ جواب تحريڪ جي مفادن لاءِ انتهائي ضروري آهي. ان ڪري ساٿين کي پنهنجو رويو سڌاري هر بظاهر پيچرڻ جهڙي سوال جو توڙي ڪوڙي پروپيگنڊا جو تسلي بخش جوا ب ڏيڻ گهرجي اسان سان گڏ اسان جي عام ساٿين کي پنهنجي نظرياتي صلاحيت ۽ عام واقفيت وڌائڻ گهرجي ۽ پنهنجي دماغ ۽ نظرياتي ڄاڻ کان ڪم وٺي ۽ دماغ تي زور ڏئي عام رواجي پروگينڊا جو پاڻ ئي مضبوطيءَ سان تحريڪ جي موقف وٽان قائل ڪندڙ جواب ڏيڻ کپي ۽ ظاهر ظهور ڪوڙي ۽ نسور ي ڦڏي جي سوال کٽي ٻين ڏانهن نہ ڊوڙڻ کپي ۽ دشمنن جي پروگينڊا جي ڦهلائڻ جو وسيلو نہ بنجڻ کپي.

24_اسين هينئر مختلف ڏرين ۽ طبقن جي ماڻهن سان گهڻ طرفا ناهہ ۽ اتحاد ڪري رهيا آهيون. جلسا جلوس بہ ڪري رهي آهيون. انڪري اسان جي اڳيان ڪيترا امڪان روشن ٿي ويا آهن.اسان کي ان سلسلي ۾ ڪن ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو ۽ ڪن خطرن کان بچڻو پوندو هڪڙو اتحادن ۾ مصروف هئڻ ڪري اسان کي تحريڪ جي ڪم کي نظر انداز نہ ڪرڻو آهي. ٻيو تہ اتحادن جي سلسلي ۾ جن ماڻهن کي نمائندو ڪري موڪليو وڃي ٿو تن کي اسان جي تنظيمي گهر ۾ هڪ عام گهرجي پاتيءَ جي اهميت ۽ حيثيت ڏني وڃي ٿي پر ٻيون ڌريون کين اسان جي تنظيم جي سموري قوت جو نمائندو سمجهي وٽن ان قوت لاءِ جيڪا عزت ۽ اهميت آهي اها سموري عزت ۽ اهميت انهن هڪ يا ٻن نمائندن کي ڏيندا. ٻين لفظن ۾ اسان جي سوين هزارين ماڻهن جي ڪئين سالن ۾ ڪيل گونا گون ڪمن ۽ قربانين جو ڦل عزت ۽ مان جي روپ ۾ فقط چند ساٿين کي ملندي نظر ايندو. ان ڪري اهي مانُ حاصل ڪيل ساٿي گمراه ٿي انا ۽ خود پرستي جي مرض ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. تنهن کان سواءِ ٻيون ڪيتريون ڏريون اسان جي نمائندن کي ڪاري خراب ڪرڻ ۾ بہ وسان نہ گهٽائيندي‌يون . ٽيئن طرف اسان جا اهي ساٿي جيڪي انهن عزت ملندڙ ساٿين جيترو بلڪ انهن کان گهڻو وڌيڪ ڪم ڪندا هوندا، انهن کي اها ڳالهہ بي واجبي نظر اچي سگهي ٿي تہ اسان کي اهميت نٿي ملي ۽ هنن کي بي واجبي طرح ملي ٿي. ان ڪري اسان جي واسطيدار ساٿين کي توڙي سڄي تحريڪ کي پهري سجاڳ رهڻ گهرجي تہ جيئن اسان جا نمائيندا

انقلابي پورهيت نهنائي ۽ پختائي چڏڻ ۽ فضول خرچي، ڪوڙي اڊمبر ، ذاتي معتبري ۽ انا جي خراب ۽ تباه ڪندڙ لاڙن ۽ دشمن لالچن ۽ فريبن جو شڪار ٿيڻ کان پاڻ بچائين . ٻين ساٿين کي بہ اتحادن جي بنيادي حڪمت عملي واري اهميت سمجهي اوڏانهن موڪليل نمائندن بابت ڪن بہ غلط سوچن جو شڪار ٿيڻ نہ گهرجي.

25_اسان جا ڪيترا سرگرم ۽ سجاڻ ساٿي مٿن رکيل ٻيا ڪم چڱي نموني ڪن ٿا پر پنهنجي گهرن۾ موجود فردن کي انقلابي بنائڻ جي فرض کي نظر انداز ڪن ٿا ۽ پنهنجن گهرن کي انقلاب جي مضبوط مرڪزن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت محسوس نٿا ڪن ۽ ان لاءِ گهربل ڪوشش نٿا وٺن. جڏهن تہ هن ڏگهي اٽانگي ۽ سخت جدوجهد ۾ اسان جي تحريڪ ۽ ان جي هر ساٿي کي ننڍي ٻار، نوجوان ، عورت ۽ پوڙهي مطلب تہ هر فرد جي شرڪت جي سخت ضرورت رهي ٿي. اهڙا سرگرم ساٿي انهيءَ ڳالهہ جي اهميت نٿا سمجهن . ڪي ٻيا وري اهڙا آهن جن کي پنهنجي گهرن ۾ ڪم ڪرڻ ۾ مشڪلاتون ۽ رنڊڪون آهن. اهي انهن مشڪلاتن ۽ رنڊڪن هوندي بہ گهرن ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر جڏهن جلد يا گهربل ڪاميابي حاصل نٿا ڪري سگهن تڏهن ڏگهي ، اٽانگي ۽ اورچ جدوجهد جاري رکي ڏاڪي بہ ڏاڪي نيٺ سموريون رنڊڪون ۽ رڪاوٽون دور ڪري انهيءَ ڏس ۾ سوپ حاصل ڪرڻ بدران ڪجهہ شروعاتي ڪوشش کان پوءِ نا اميد ٿيو هٿيار ڦٽا ڪريو ڇڏين.

ائين نہ ٿيڻ گهرجي اسانجي ڏگهي، اٽانگي ، ورن وڪڙن واري اورچ جدوجهد جو اصول اسان جي انقلابي جدوجهد جي سمورن ڏاڪن ۽ شعبن سان لاڳو ڪرڻ گهرجي ۽ پڻ پنهنجا مسئلا تحريڪ اڳيان ٽيبل تي رکڻ ۽ ان جي مشوري ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ جي اصول کي پڻ ڪتب آڻڻ گهرجي.